ماهوار
# بيداري
حيدرآباد

شمارو:- اپريل - مئي 2026
قيمت: ٢٥ رپيا

ايڊيٽر
محمد موسيٰ ڀٽو

موبائيل نمبر
03463216078

مجلسِ ادارت
- پروفيسر عبدالرحمان جتوئي
- علي اڪبر راهمون
- مولانا محمد رمضان مهيري

E.Mail
m.moosabhutto@gmail.com
www.bedarimillat.com

## فهرست


| | | |
|---|---|---|
| قرآن جو پيغام اسان جي نانءِ | محمد موسيٰ ڀٽو<br>عنايت الله | ٢ |
| مسلمانن کي درپيش مسئلا ۽ اسلامي اعتبار سان انهن جو حل | محمد موسيٰ ڀٽو<br>آمنه حامد زبيدي | ١١ |
| سٺو انسان بنجڻ اسان سيني جي ضرورت | محمد موسيٰ ڀٽو<br>آمنه حامد زبيدي | ١٦ |
| وڏو بنجڻ ۽ فساد ڦهلائڻ جي سزا | محمد موسيٰ ڀٽو<br>آمنه حامد زبيدي | ١٩ |
| قومن کي بگاڙڻ ۽ سنوارڻ ۾ نظام تعليم جو ڪردار | محمد موسيٰ ڀٽو<br>آمنه حامد زبيدي | ٢٢ |
| ڪائنات جو ڪوتہ ڪاريگر آهي | آمنه حامد زبيدي | ٣١ |
| "اجتهاد ۽ تقليد:<br>(قرآني نصوص جي روشني ۾ شرعي حيثيت) | علي اڪبر راهمون | ٣٧ |
| قرآن جي تدريس بابت سيڪيولر عناصر جي بي چيني | تحرير: شاهنواز فاروقي<br>ترجمو: ضمير حسين لغاري | ٤٣ |
| نفس جي سڌاري جو طريقو ۽ زندگيءَ جو دستور العمل | محمد موسيٰ ڀٽو<br>عبدالغني دايو | ٤٩ |
| اسلام جي بنيادي تعليمات آزاد خيال فردن جي غور فڪر لاءِ | محمد مسعود احمد | ٥٦ |
| اسان جا ڪجهه اهم معاملات احاديث نبوي جي روشني ۾ | محمد موسيٰ ڀٽو<br>عنايت الله | ٧٠ |




محمد موسيٰ ڀٽو — مستقل سلسلو
عنايت الله

# قرآن جو پيغام اسان جي نانءِ

### دنيا ۽ آخرت ٻنهي مان ڪنهن هڪ جي خواهش هجڻ:

**تُرِيْدُوْنَ عَرَضَ الدُّنْيَاۤ وَاللّٰهُ يُرِيْدُ الْاٰخِرَةَ** (سورة الانفال، آيت 67)

(توهان دنيا چاهيو ٿا جڏهن تہ الله آخرت چاهي ٿو)

هن آيت ۾ فرد جي نفسيات جي نشاندهي ڪئي وئي آهي تہ هو دنيا سان غيرمعمولي چاهت رکي ٿو ۽ دنيا جي فڪر مندي مٿس غالب آهي، جڏهن تہ آخرت جي زندگي اهڙي آهي جنهن جي مقابلي ۾ دنيا جو قدر چند لمحن کان وڌيڪ ناهي. تنهن ڪري الله جو ارادو آهي تہ مومنن تي آخرت جو فڪر غالب هجي، تہ جيئن انهن جون سرگرميون دنيا جي بدران آخرت لاءِ هجن.

جيسيتائين الله سان محبت غالب نہ ٿئي، تيستائين دين ۽ دنيا جي وچ ۾ تڪرار جاري رهندو آهي. الله جي محبت غالب ٿيڻ کان پوءِ ئي فرد جي دنيا بابت حساسيت گهٽ ٿيڻ لڳي ٿي، پر ان باوجود دنيا جي خواهش کان خبردار رهڻ ضروري آهي.

### دل جي حالت بهتر ٿيڻ سان عطا جو وعدو:

**اِنْ يَّعْلَمِ اللّٰهُ فِيْ قُلُوْبِكُمْ خَيْرًا يُّؤْتِكُمْ خَيْرًا مِّمَّاۤ اُخِذَ مِنْكُمْ** (سورة الانفال، آيت 70)

(جيڪڏهن الله توهان جي دلين ۾ نيڪي ڄاڻي ٿو تہ توهان کي جيڪو (مال) ڇنجي ويو آهي ان کان بهتر عطا ڪندو)

هن آيت ۾ پڻ دلين جي بهتر حالت تي الله طرفان مال عطا ڪرڻ جو وعدو ڪيو ويو آهي. بهتر دلين جي نشاني مال جي محبت نہ هجڻ آهي. جڏهن مال جي محبت نہ هوندي آهي تہ الله طرفان مال ملڻ سان مال کان بيزاري جي حالت پئدا ٿيندي آهي. البت، زندگي جون اهم ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ مال ضروري هوندو آهي، تنهن ڪري الله نيڪيءَ سان رغبت رکندڙ دلين کي مال عطا ڪندو آهي ۽ اهڙن ماڻهن کي ٻين جي رحم ڪرم تي نہ ڇڏي ٿو، نہ ئي انهن کي ٻين جو محتاج بڻائي ٿو.

## بُرائيءَ جي باهہ جهڙي خاصيت:

**وَمَنْ جَاءَ بِالسَّيِّئَةِ فَكُبَّتْ وُجُوهُهُمْ فِي النَّارِ** (سورة النمل، آيت 90)

(۽ جيڪي ماڻهو بُرائي آڻيندا، انهن کي اوندهي منهن باهہ ۾ ڦٽو ڪيو ويندو.)

هي آيت مومن کي سخت سوچ ۾ مبتلا ڪري ٿي، ڇو تہ جڏهن بُرائيءَ جي اهڙي سخت سزا آهي، تہ زندگيءَ ۾ ڪيتريون ئي بُرائيون ٿيون هونديون، جن جي مجموعي سزا تمام گهڻي هوندي.

حقيقت اها آهي تہ بُرائيءَ جي خاصيت باهہ جهڙي آهي، بُرائيءَ ۾ باهہ جا اثر هوندا آهن، ۽ آخرت ۾ اها باهہ جهنم جي صورت ۾ هوندي. دنيا ۾ بہ بُرائي دل ۽ روح ۾ باهہ جهڙي تپش پيدا ڪري ٿي. پر مومن کي اميد آهي تہ الله ساڻس آسان ۽ فضل وارو سلوڪ ڪندو ۽ جيڪي عمل الله جي طرفان ڪرڻ جي ڪيس توفيق ملي آهي، انهن جي بنياد تي سندس گناهن کي معاف ڪيو ويندو.

قرآن ۾ ڪجهہ آيتون تفصيل سان ٻڌائن ٿيون تہ توبه سان سڀ گناهہ معاف ٿي سگهن ٿا، جڏهن تہ ڪجهہ آيتون اجمال تي ٻڌل آهن، جيڪي مومن کي فڪر ۾ وجهن ٿيون. پر تفصيلي آيتون حوصلو ڏين ٿيون. بهرحال، مومن هر حال ۾ الله جي خاص فضل جو محتاج آهي، ڇو تہ ان کان سواءِ سندس لاءِ ڪو بہ حل ناهي.



## آسائش ۽ راحت واري زندگيءَ گذارڻ وارن ماڻهن جي حالت جو عڪس:

**"وَلَٰكِن مَّتَّعْتَهُمْ وَآبَاءَهُمْ حَتَّىٰ نَسُوا الذِّكْرَ وَكَانُوا قَوْمًا بُورًا"** (سورة الفرقان، آيت 18)

(پر تو انهن کي ۽ انهن جي ابن ڏاڏن کي آرام ۽ آسائش ڏني، ايستائين جو هو تنهنجي ياد (ذڪر) کي وساري ويٺا، ۽ پوءِ اهي تباهہ ۽ برباد ٿي ويا.)

آرام ۽ آسائش واري سامان ۾ اهڙي خاصيت هوندي آهي جو اڪثر ڪري ان جي ڪري ماڻهو الله کان غافل ٿي وڃن ٿا. مالدار ۽ سٺي زندگيءَ گذارڻ وارا ماڻهو عام طور الله جي ياد کان پري رهن ٿا، ڇو تہ انهن جي دلين ۾ اهڙي مناسبت ئي پيدا نہ ٿي ٿئي. اهي ماڻهو دنياوي معاملن ۾ تہ جدت ۽ نوان طريقا اختيار ڪن ٿا، پر پنهنجي حقيقي خالق ۽ مالڪ بابت سندن سوچ ڪم نٿي ڪري. الله جو ذڪر سندن ذهن مان نڪري وڃي ٿو. مٿين آيت ۾ مالدار طبقي جي انهيءَ حالت کي واضع نموني بيان ڪيو ويو آهي.

الله وارا (صوفي، صالح ماڻهو) هميشہ آسائشن ۽ راحتي سامان کان پري رهندا آهن، ڇو تہ اهي ڄاڻن ٿا تہ ان سان دل ۾ غفلت جو مزاج پيدا ٿيندو آهي. انهيءَ ڪري بعض اهل الله جو قول آهي تہ:

"جيستائين دل ۾ دنياوي آسائشن لاءِ نفرت پيدا نہ ٿئي، تيستائين ڪابہ حقيقي تبديلي نٿي اچي" – يعني اسلامي مزاج سان هم آهنگي نٿي ٿئي.

اهو نڪتو بہ ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ الله جو ذڪر جيڪو مزاج پيدا ڪرڻ چاهي ٿو، اهو آسائشن واري زندگيءَ جي مزاج جي بلڪل ابتڙ آهي. ٻنهي جا رستا ۽ مزاج هڪ ٻئي کان جدا آهن.

## دل جي اکين جو ذڪر کان پردي ۾ هجڻ:

**"وَّعَرَضْنَا جَهَنَّمَ يَوْمَئِذٍ لِّلْكَافِرِينَ عَرْضًا، الَّذِينَ كَانَتْ أَعْيُنُهُمْ فِي غِطَاءٍ عَن ذِكْرِي"**(سورة الڪهف، آيت 99-100)

(۽ ان ڏينهن اسان ڪافرن جي سامهون دوزخ کي ظاهر ڪري ڇڏينداسون، هو جن جون اکيون منهنجي ذڪر کان پردي ۾ هيون.)

هن آيت ۾ ڪافرن جي وڏي علامت بيان ڪئي وئي آهي تہ سندن دل جون اکيون الله جي ياد کان پردي ۾ هيون، ۽ ان غفلت جي سزا بہ ٻڌائي وئي آهي.

دل، جيئن روشنيءَ جو مرڪز ٻڻجي سگهي ٿو تيئن اها تاريڪيءَ جو مرڪز بہ ٿي سگهي ٿي. جيئن بلب يا ڏيئو روشنيءَ جو ذريعو هوندو آهي— جنهن کي وسايو ويندو تہ چوڌاري اجالو پکڙجي ويندو— ايئن ئي دل بہ روشني جو مرڪز آهي. هي روشني دل کي ايمان ۽ ذڪر جي نور سان ملي ٿي. جنهن قدر ذڪر جو اهتمام ٿيندو اُنهيءَ حساب سان دل مان اندروني اونداهيون دور ٿينديون ۽ دل روشن ٿيندي.

پر جڏهن ماڻهو ذڪر کان پري ٿي وڃي ٿو تہ دل جون اکيون روشنيءَ کان محروم ٿيڻ لڳن ٿيون، ۽ دل شيطاني نفس جي زير اثر اچي دنيا جي ساز و سامان تي موهجڻ لڳي ٿي. آيت ۾ انهيءَ روشنيءَ کان محروميءَ جي سزا بيان ڪئي وئي آهي.

مومنن جون دليون ايمان کان واقف هونديون آهن، ان ڪري اُميد آهي تہ اُهي اهڙا نہ ٿيندا. پر ياد رکڻ گهرجي تہ ايمان جي تجديد ذڪر جي ورجاءَ سان ٿيندي آهي، جنهن سان دل مادي سوچ ۽ لاپ پرستيءَ واري قوتن کي رد ڪرڻ جي سگهہ حاصل ڪري ٿي.

## پنهنجي حالت نہ بدلائيندڙ قومن سان الله جو معاملو:

**"إِنَّ اللَّهَ لَا يُغَيِّرُ مَا بِقَوْمٍ حَتَّىٰ يُغَيِّرُوا مَا بِأَنْفُسِهِمْ"**(سورة الرعد، آيت 11)

(بيشڪ الله ڪنهن قوم جي حالت نہ ٿو بدلي، جيستائين اهي پاڻ پنهنجي حالت نہ بدلائين.)



هن آيت ۾ الله تعاليٰ پنهنجي هڪ اٽل (نہ بدلجندڙ) سنت بيان فرمائي آهي تہ الله جو هر قوم سان معاملو انهن جي دل جي حالت، عملن جي نوعيت ۽ انهن جي اندروني مزاج جي مناسبت سان ٿيندو آهي. جيڪڏهن دلين ۾ ايمان، يقين ۽ الله جي نعمتن تي شڪر ادا ڪرڻ جو جذبو موجود هجي، ۽ زندگي ايمان و يقين جي تقاضائن سان ٺهڪندڙ هجي تہ اهڙي قوم کي الله تعاليٰ پنهنجي نعمتن سان نوازيندو آهي ۽ انهن کي نفس پرست ۽ ماديت پرست قومن تي برتري عطا فرمائيندو آهي.

پر جيڪڏهن دلن ۾ فريب، فساد ۽ الله کان غفلت موجود هجي، ۽ مادي شيون الله تي ترجيح ڏيڻ جو رويو غالب هجي، تہ اهڙي قوم کي نہ رڳو الله پنهنجي رحم و ڪرم تي ڇڏي ڏيندو آهي، پر اهڙي قوم کي اصولن تي هلندڙ طاقتور قومن جو غلام بڻائي ڇڏيندو آهي. جيڪڏهن ڪو پاڻ کي ايمان واري ملت چوي ٿو پر سندس عمل ۽ ڪردار پست هجن، تہ الله تعاليٰ اهڙي ملت تي عمل ۽ اصولن واري طاقتور قوم کي مسلط ڪري ڇڏيندو آهي، جيئن اڄڪلهہ ٿي رهيو آهي. ايئن ملت کي پاڻ سنڀالڻ ۽ حالت سڌارڻ جو موقعو ڏنو ويندو آهي.

جيڪو پنهنجي حالت کي تبديل نہ ٿو ڪري، الله بہ سندس حالت تبديل نہ ٿو ڪري. ايمان ۽ اسلام جي صرف ظاهري ۽ رسمي اظهار سان زندگيءَ ۾ نہ تہ حقيقي رونق اچي ٿي، نہ بهتري، نہ خوشحالي. الله جو هي قانون هميشہ کان قومن تي لاڳو رهيو آهي، ۽ قومن جي عروج ۽ زوال ۾ بہ هميشہ ان قانون جو عمل دخل رهيو آهي.

ماديت پرست قومن کي جيڪا عارضي بالا دستي ملي ٿي، تنهن جا ٽي سبب آهن:

1. اهي ڪجهہ اصولن تي عمل ڪندا آهن،
2. الله تعاليٰ کين دنيا ۾ مهلت ڏئي ٿو

3. جڏهن صاحب ايمان ۽ صاحب عمل ماڻهو ميدان ۾ اچن ٿا تہ انهن ماديت پرست قومن جي زوال جو عمل شروع ٿي وڃي ٿو.

### الله جي حڪم کي قبول ڪندڙن لاءِ خوشخبري، ۽ قبول نہ ڪندڙن لاءِ عذاب جي وارننگ:

"**لِلَّذِينَ اسْتَجَابُوا لِرَبِّهِمُ الْحُسْنَىٰ ۚ وَالَّذِينَ لَمْ يَسْتَجِيبُوا لَهُ لَوْ أَنَّ لَهُم مَّا فِي الْأَرْضِ جَمِيعًا وَمِثْلَهُ مَعَهُ لَافْتَدَوْا بِهِ**" (سورة الرعد، آيت 18)

(جن ماڻهن الله جي حڪم کي قبول ڪيو انهن لاءِ بهترين انجام آهي، ۽ جن ان جي حڪم کي قبول نہ ڪيو جيڪڏهن سندن قبضي ۾ سڄي زمين جا خزانا هجن، ۽ اهڙا ئي ٻيا خزانا بہ، تہ بہ اهي ان کي عذاب کان بچاءَ لاءِ فديي طور ڏئي ڇڏين، پر انهن جي نجات نہ ٿيندي.)

الله جي حڪم کي قبول ڪرڻ جو مطلب آهي تہ ماڻهو ايمان ۽ نيڪ عملن واري زندگي اختيار ڪري، ۽ انهن ڳالهين کان بچي، جيڪي الله جي نافرمانيءَ جو سبب ٿين. اهڙن ماڻهن لاءِ خوشخبري آهي تہ آخرت ۾ ڪين ڪاميابي، عزت ۽ خوشي نصيب ٿيندي.

پر جن ماڻهن الله جي حڪم کي قبول نہ ڪيو يعني ايمان ۽ نيڪ عملن کان منهن موڙي ڇڏيو نفس پرستي ۽ دنياوي لالچ جي راهہ تي هليا، انهن جو انجام ڏاڍو سخت ٿيندو. اهي ماڻهو آخرت ۾ حسرت ڪندا تہ ڪا صورت هجي جو زمين جا سمورا خزانا ڏئي ڇڏين جيڪر عذاب کان بچي وڃن، پر اها ڪا بہ فائدي واري ڳالهہ نہ هوندي.

اهڙي قسم جون ڪيترين ئي آيتون انسان کي جاڳائڻ لاءِ نازل ٿيون آهن تہ هو غفلت، گناهن ۽ نافرمانيءَ واري روش ڇڏي ڏئي، ۽ آخرت جي لاءِ نيڪين وارو سامان گڏ ڪري. نہ تہ عمر جي مهلت ختم ٿي ويندي، ۽ جڏهن عذاب سامهون ايندو تہ انسان پڇتائيندو، پوءِ پڇتاڻ جو ڪو فائدو نہ ٿيندو.



انسان جي حياتيءَ ۾ وقت تہ هوندو آهي. پر عام طور نفس پرستيءَ واريون قوتون ايتريون غالب ٿين ٿيون، جو انسان ايمان جي سنڀال ۽ نيڪ عملن جي لاءِ تيار نٿو ٿئي. اهڙي غفلت واري زندگي انسان لاءِ هلاڪت جو سبب بڻجي وڃي ٿي.

### رجوع ڪندڙن سان بخشش جو وعدو:

"**إِن تَكُونُوا صَالِحِينَ فَإِنَّهُ كَانَ لِلْأَوَّابِينَ غَفُورًا**" (سورة بني اسرائيل، آيت 25)

(جيڪڏهن اوهين نيڪ بڻجو تہ بيشڪ الله رجوع ڪندڙن لاءِ بخشڻهار آهي.)

نيڪيءَ جي راهہ تي هلڻ، الله ڏانهن رجوع ڪرڻ جي علامت آهي، ۽ اهڙن رجوع ڪندڙن لاءِ الله تعاليٰ بخشش جو واعدو ڪيو آهي. اهڙي خوشخبري مؤمن بندي لاءِ وڏي همت افزا هوندي آهي، ڇاڪاڻ تہ مؤمن الله جي عظمت، جلال ۽ قهاريءَ کي سمجهي الله جي عتاب کان ڊنل رهندو آهي. اهڙين آيتن ڏي توجہ سان ان جي دل کي تسلي ملندي آهي تہ الله جي مغفرت ان سان شامل هوندي، ۽ موت کان وٺي قيامت تائين، پل صراط تائين، الله ان لاءِ آسانيءَ جو معاملو ڪندو.

دنيا جي تڪليفن ۽ مشڪلاتن کي مؤمن وڏي ڳالهہ نٿو سمجهي، ڇوتہ سندس نظر ۾ اصل ڪاميابي يا ناڪامي تہ ان وقت جو فيصلو آهي، جڏهن اک بند ٿيندي. مؤمن جي دل تي هيءَ سوچ غالب رهندي آهي. اهڙين آيتن مان ڪيس تسلي ۽ اطميان ملي ٿو تہ الله تعاليٰ جي رحمت ساڻس گڏ آهي.

### جسم جي عضون کان پڇا ڳاڇا:

"**إِنَّ السَّمْعَ وَالْبَصَرَ وَالْفُؤَادَ كُلُّ أُولَٰئِكَ كَانَ عَنْهُ مَسْئُولًا**" (سورة بني اسرائيل، آيت 36)

(بيشڪ ڪن، اک، ۽ دل، انهن سڀني بابت ضرور پڇا ڳاڇا ٿيندي.)

انسان، بندي جي حيثيت سان، پنهنجي هر ڪم لاءِ الله جي اڳيان جوابده آهي. جسم جا عضوا، جيتوڻيڪ زندگيءَ جا ضروري اوزار آهن، پر جيڪڏهن انهن جي استعمال ۾ احتياط نه ڪيو وڃي، ته پوءِ نفس انهن عضون کي پنهنجي ناپسنديده مقصدن لاءِ استعمال ڪرڻ لڳي ٿو.

هتي ڪن، اک، ۽ دل جو خاص ذڪر ٿيو آهي. اها آيت مختصر انداز ۾ هڪ جامع حقيقت بيان ڪري ٿي، پر حقيقت ۾ زبان سميت جسم جا سيئي عضوا الله جي حضور پيش ڪيا ويندا، ۽ ان بابت ضرور سوال ٿيندو ته انهن کي ڪهڙي طريقي سان استعمال ڪيو ويو هو.

## الله کان بخشش گهرڻ ۽ الله جو بندن سان محبت ڪرڻ:

"وَاسْتَغْفِرُوا رَبَّكُمْ ثُمَّ تُوبُوا إِلَيْهِ إِنَّ رَبِّي رَحِيمٌ وَدُودٌ"(سورة هود، آيت 90)

(۽ پنهنجي رب کان بخشش گهرو ۽ پوءِ ان ڏانهن توبه ڪريو، بيشڪ منهنجو رب نهايت مهربان ۽ محبت ڪرڻ وارو آهي.)

بندي جي خاص سڃاڻپ اها آهي ته هو هر دعا ۾ الله کان پنهنجن گناهن جي معافي طلب ڪندو آهي. سندس ڪا به دعا اهڙي ناهي هوندي، جنهن ۾ بخشش جي التجا شامل نه هجي. اهڙيءَ ريت هو گناهن کان توبه ڪري اڳتي وڌندو آهي.

الله جي عبادت ۽ فرمانبرداريءَ کان غفلت هڪ اهڙو گناهه آهي، جيڪو بندي کان ٿيندو ئي رهي ٿو. دنيا جون مصروفيتون هن کي الله جي ذڪر کان غافل ڪري ڇڏين ٿيون، ۽ اها غفلت ٻين گناهن (جهڙوڪ فضول ڳالهائڻ وغيره) ۾ مبتلا ٿيڻ جو سبب بڻجي ٿي. تنهن ڪري، پنهنجي گناهن لاءِ بار بار بخشش گهُرڻ بندي جي معمولات ۾ شامل هجڻ گهرجي.

الله جي ذات ته اهڙي آهي، جيڪا تمام گهڻي رحم واري ۽ پنهنجي بندن سان محبت ڪرڻ واري آهي. الله جو بندن سان محبت جو اعلان ڪرڻ، اها ڳالهه بنده لاءِ وجد ۾ آڻڻ جهڙي هوندي آهي. بنده ڪڏهن



ڪڏهن غلط فهميءَ ۾ هيئن ٿو سمجهي ته شايد مان ئي الله سان محبت ٿو ڪريان، يعني اها محبت چڙهڻ ته يڪ طرفي آهي، پر حقيقت ان جي ابتڙ آهي—اصل ۾ الله ئي بندي سان محبت ڪري ٿو ۽ اها الله جي محبت ئي هوندي آهي، جيڪا بندي کي ڇڪي ڇڪي الله ڏانهن وٺي اچي ٿي، پوءِ بندو به الله سان محبت ڪرڻ لڳي ٿو.

## نيڪيون گناهن کي مٽائڻ جو سبب بڻجن ٿيون:

"إِنَّ الْحَسَنَاتِ يُذْهِبْنَ السَّيِّئَاتِ" (سورة هود، آيت 114)

(بيشڪ نيڪيون گناهن کي مٽائي ڇڏين ٿيون.)

جڏهن ڪو مؤمن بندو قرآن پڙهي ٿو ۽ ڪافرن، مشرڪن، منافقن ۽ نافرمانن بابت سخت تنبيهون پڙهي ٿو ته هو پنهنجي حالت بابت ڏاڍو فڪر مند ٿئي ٿو ته نيڪين جو ذخيرو ته لڳ ڀڳ ناهي، جڏهن ته گناهن جو پلڙو ڏاڍو ڳرو آهي. اهڙي حالت ۾ معافي ۽ بخشش جو ڇا ٿيندو؟

اهڙي ڳڻتي جي وقت جڏهن سندس نظر "إِنَّ الْحَسَنَاتِ يُذْهِبْنَ السَّيِّئَاتِ" جهڙي آيت تي پوي ٿي ته هن ۾ اميد پئدا ٿئي ٿي ته معافي جي صورت موجود آهي، ۽ نيڪيون گناهن کي ختم ڪري ڇڏينديون.

مؤمن بندو جيتوڻيڪ اهو سمجهي ٿو ته سندس عبادتون ۽ عمل الله جي بارگاهه ۾ پيش ڪرڻ جي لائق به ناهن، ڇو ته اهي الله جي شان کان تمام گهٽ آهن، پر ساڳي وقت اهو به سمجهي ٿو ته الله بندي جي عاجزي سان ڪيل ٿڌل ڦٽل عملن کي به قبول ڪري وٺندو ۽ پنهنجو فضل فرمائيندو.

تنهنڪري بندي کي گهرجي ته پنهنجي وس آهر، اخلاص ۽ استقامت سان نيڪي جي رستي تي هلندو رهي. ڇو ته الله پنهنجي بندن جي نيڪين جو وڏو قدردان آهي. ان قدرداني جو اندازو فرعون جي دربار ۾ حق جي دعوت ڏيندڙ مؤمن شخص جي گفتگو مان به لڳائي سگهجي ٿو، جنهن جي نيڪي جي ڪري الله پاڪ قرآن شريف ۾ "المؤمن" نالي سان پوري سورت نازل فرمائي، ۽ ان جي گفتگو ٻن رڪوعن تائين بيان فرمائي.

محمد موسيٰ ڀٽو
آمنه حامد زبيدي

# مسلمانن کي درپيش مسئلا

## ۽ اسلامي اعتبار سان انهن جو حل

هن وقت دنيا جو هر مسلمان بيوسيءَ جي تصوير بڻيل آهي هو هن ڳڻتيءَ ۾ مبتلا آهي تہ خبر ناهي هن سان ۽ هن جي ٻين مسلمان ڀائرن سان ڪهڙي ويڌن ٿيڻ واري آهي، هو ڪهڙي مصيبت ۾ مبتلا ٿيڻ وارا آهن، مسلمانن جي بيوسيءَ جي اها حالت اهڙي آهي جنهن تي دل ڏکي ٿي، هن بيوسيءَ جو مک ڪارڻ اهو آهي تہ نئين ٽيڪنالوجي کان محروميءَ جي ڪري مسلمان جديد طاقتور ٽيڪنالوجي رکندڙ قوتن جي اڳيان بيوس آهن.

اهي طاقتور قوتون جيئن وڻين تيئن هنن کي مرعوب ڪري ۽ ڊيڄاري، هنن کان پنهنجا مقاصد حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب آهن، مسلمانن جي اجتماعي زندگي ڪردار جي پختگيءَ کان بہ محروم آهي، ٽيڪنالوجيءَ کان محروميءَ سان گڏ مضبوط ڪردار کان بہ محروم ٿيڻ، اهي ٻئي اهڙيون خاميون آهن جن عالمي قوتن جي دلين مان مسلمانن جو رعب ختم ڪري ڇڏيو آهي ۽ هو هنن کي هر طرح پائمال ڪري رهيون آهن.

جديد ٽيڪنالوجي جي ذريعي خوفزده ڪرڻ، اهو هڪڙو اهڙو هٿيار آهي، جيڪو عسڪري قوت کان وڌيڪ طاقتور آهي.

مسلمان اهو ڏسي حيران آهن تہ هنن جا ملڪي وسائل هاڻي هنن جا وسائل ناهن رهيا، هنن جون رياستي پاليسيون، هنن جون ناهن رهيون، اهي شديد مهانگائي جا شڪار آهن، عالمي قوت عسڪري ۽ فوجي قوت جي



بجاءِ نئين طاقتور ٽيڪنالوجي جي ذريعي مسلمانن کان اهي سمورا مقاصد حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب آهي.

هي هن دور جو سڀ کان وڏو الميو آهي، مسلمانن کي سمجھ ۾ نٿو اچي تہ هو اهڙي حالات ۾ ڇا ڪن، جنهن سان هنن جي تحفظ جي صورت پيدا ٿئي ۽ هو جديد مادي قوتن جي رعب ۾ اچڻ کان بچي وڃن، جديد ٽيڪنالوجي جي قوت حاصل ڪرڻ جو وقت تہ ضايع ٿي ويو، هاڻي هنن حالات مان نڪرڻ جي هڪڙي ئي صورت آهي تہ مسلمان پنهنجي بيوسي جي الله کان مدد گهرن، ان جي اڳيان ٻاڏائن ۽ پنهنجي عملن کي سڌاري الله تعاليٰ جي ذات کي پنهنجو واحد سهارو بڻائين، الله جي ذات ڪريم آهي ۽ هو رحيم ۽ ڪارساز بہ آهي، جيڪڏهن مسلمان دل جي خلوص پنهنجي بدعملن جي الله کان معافي گهرن ۽ ان ڏانهن رجوع ڪن تہ حالتون بهتر ٿي سگهن ٿيون، هن وقت ڊپ ۽ خوف جي حالت جيڪا مسلمانن تي مسلط ڪئي وئي آهي، اهي هن حالت مان نڪري سگهن ٿا، ۽ عالمي قوتون پاڻ خوف جو شڪار ٿين، اهو تڏهن ٿي سگهي ٿو، جڏهن مسلمان پنهنجا عمل سڌارين ۽ الله رب العزت ڏانهن رجوع ٿين .

خوفزده رهڻ، اها هڪ نفسياتي حالت آهي، مسلمانن کي هن نفسياتي حالت مان نڪري پنهنجي اندر خود اعتمادي پيدا ڪرڻي پوندي، جيئن تہ الله جي عظيم ذات اسان سان گڏ آهي تہ مادي قوتون اسان کي نقصان نٿيون ڏيئي سگهن، پر اها خود اعتمادي ايمان جي حالت کي مستحڪم ڪرڻ کانسواءِ پيدا نٿي ٿي سگهي.

عالم اسلام جي بيوسيءَ جو اهو منظر ڪو هڪڙي ڏينهن ۾ پيدا ناهي ٿيو، بلڪہ اهو عرصي کان مسلمانن جي غفلتن جو نتيجو آهي،هنن پنهنجا مادي وسيلا وڏيون ۽ بلند عمارتون اڏڻ، عيش وعشرت ۽ فضول رسمن رواجن تي خرچ ڪيا، پر جديد ٽيڪنالوجي حاصل ڪري پنهنجو پاڻ کي مستحڪم ڪرڻ کان غافل رهيا، ڪين خبر ئي نہ پئي اهل ڪفر مسلمانن

ڪي تر نوالو سمجهي ڳڙڪائڻ لاءِ تيار ويٺا آهن. مسلمان هجڻ هنن جي نظر ۾ ايڏو وڏو ڏوهه آهي جو ان جي سزا کين تباهه ڪرڻ آهي. قدرت واري هنن کي سنو مسلمان بڻجڻ جا گهڻائي موقعا ڏنا. پر هنن سڀ موقعا ضايع ڪري ڇڏيا. اها غفلت به آهي ته عيش وعشرت جو مزاج پڻ. ان جي سزا سموري امت مسلمه ڀوڳي رهي آهي ۽ اڄ هو بيوسيءَ جي تصوير بڻجي چڪي آهي. ماضيءَ مان سبق سکي جيڪڏهن مسلم حڪمران هاڻي به سجاڳ ٿين ۽ امت کي ساڻ ڪري جيڪڏهن خود اعتمادي ۽ خدا پرستي جي واٽ وٺن ته هو ماده پرست دنيا جي مزاحمت ڪرڻ سان گڏ انهن کي اسلام جي سعادت سان به بهره ور ڪري سگهن ٿا.

مسلمانن کي سمجهڻ گهرجي ته الله جي نافرمانيءَ جي سزا نه رڳو آخرت ۾ بلڪ هن دنيا ۾ به ڀوڳڻي ٿي پوي. ان جي هڪڙي صورت ته اها آهي ته غيرمسلم حڪمرانن جي مرضيءَ تي هلڻو ٿو پوي. سندن حڪمن تي ڪنڌ جهڪائي پنهنجي خود داري ۽ خود مختياريءَ تان هٿ کڻڻو پوي ٿو. اها ڪا معمولي سزا ڪانهي. سمجهڻ واري جي لاءِ وڏي سزا آهي.

الله تعاليٰ جي مخلصانه اطاعت جي خاصيت اها آهي ته غير مسلم يا ڏارين کي اک کڻي نهارڻ جي همت نه ٿيندي. جيڪڏهن غلطيءَ سان ايئن ڪندا ته کين پاڻ کي ئي ان جي سزا سهڻي پوندي.

الله تعاليٰ جي مخلصانه اطاعت، ملت جي بيوسيءَ جي حالت کي ختم ڪري انهن کي سرفرازي عطا ڪري ٿي. هاڻي اهو ملت جو ڪم آهي ته هو الله جي اطاعت جي مطابق زندگي گذاري خود مختياري چاهي ٿي يا ڏارين جي بالادستي؟ ملت کي هنن ٻنهي مان هڪڙي واٽ تي هلڻو پوندو .

قومي وسيلن کي عسڪري ۽ ٽيڪنالوجي جي حصول لاءِ استعمال ڪيو وڃي. مقتدر طبقن جي اسراف يعني عيش وعشرت تي پابندي مڙهي وڃي. پنهنجي نسلن جي تربيت ۾ نظرياتي پختگي ۽ ايمان ۽ يقين جي استحڪام جو خصوصي اهتمام ڪيو وڃي.



مسلمان ملڪن جي لاءِ ضروري آهي ته هو پنهنجي سمورين ضرورتن جي باري ۾ خود ڪفيل هجن. ٻين جي محتاجيءَ کان بچن. افراد جي بجاءِ ادارن کي مضبوط ڪن. ملت جي وحدت کي اهم سمجهي مسلمان جي حيثيت سان ڪمزور مسلم ممالڪ جي خوب مدد ڪن. جيڪي مسلمان ملڪ عالمي مالياتي ادارن جا مقروض آهن. انهن جو قرض لاهين. اهو اسلامي برادري جي حيثيت سان سندن اخلاقي فرض آهي. اهل ڪفر کان ڪنهن به صورت خوفزده نه ٿين. هر معاملي ۾ پنهنجي عوام کي اعتماد ۾ وٺي فيصلا ڪن. ديني اعتبار سان مسلم معاشري جي بهتر کان بهتر تربيت جو اهتمام ڪيو وڃي.

عالم اسلام جو اصل ڪم ته اهو هو ته هو اهل ڪفر تائين اسلام جي دعوت پهچائين ته جيئن انهن جي لاءِ آخرت جي دائمي عذاب کان ڇوٽڪاري جي صورت پيدا ٿي سگهي. هن مقصد جي لاءِ ڪردار جي روشني سان گڏ اهل ڪفر جي مراڪز ۾ علمي ادارن کي مستحڪم ڪرڻ جي ضرورت هئي. پر هي اهو ڪم آهي جنهن کي نظر انداز ڪيو ويو آهي. شايد اها ان جي سزا آهي جو اهل ڪفر. عالم اسلام کي پنهنجي زيردست ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا آهن ۽ عالم ڪفر ڄڻ ته زبان حال سان چوندو هجي توهان وٽ خالص توحيد جون جيڪي پاڪيزه تعليمات هيون. اهي توهان اسان تائين نه پهچايون ۽ اسان کي دائمي عذاب جو حقدار ڪيو . هاڻي توهان اها سزا ڀوڳيو جو دنيا ۾ توهان جي واڳ اسان جي هٿ ۾ آهي. توهان اسان جا محتاج آهيو.

عالم اسلام جيڪڏهن ايمان کان محروم دنيا جي حوالي سان پنهنجون ذميداريون پوريون ڪري ته نه صرف انهن تان عالمي طاقت جي دٻپ ۽ خوف جي فضا ختم ڪئي ويندي بلڪ کين وڏيڪ نعمتن سان نوازيو ويندو ۽ دنيا ۾ طاقت جو توازن جيڪو اهل ڪفر جي حق ۾ ٿي ويو آهي اهو توازن ختم ٿي مسلمانن جي لاءِ نشاة ثانيه جو دور شروع ٿي ويندو .

الله جو واعدو سچو آهي ”وانتم اعلون ان كنتم مومنين الله تعاليٰ جي وعدي تي پروسو ڪرڻو آهي، مومنن جي اها بہ ذميداري آهي تہ هو غير مسلم تائين حق ۽ صداقت جو پيغام پهچائين ۽ انهن کي الله جي عذاب کان ڊيڄارين، هي مٿي جيڪو ڪجهہ لکيو ويو آهي اهو رڳو نصيحت ۽ وعظ ڪونهي، بلڪ اصولن جي مٿان مشتمل ڳالهيون آهن، هنن تي اخلاص سان عمل ڪرڻ جي نتيجي ۾ انشاء الله ڪاميابي قدم چمندي .



محمد موسيٰ پٽو
آمنه حامد زبيدي

# سٺو انسان بنجڻ
# اسان سڀني جي ضرورت

هڪڙي حديث پاڪ ۾ ارشاد آهي تہ: ”توهان ۾ سٺو انسان اهو جيڪو پنهنجي گهر وارن جي لاءِ سٺو هجي“. ٻي حديث شريف جو مفهوم آهي تہ توهان ۾ سٺو انسان اهو آهي جنهن جا اخلاق سٺا هجن ۽ هو ماڻهن سان سٺو هجي.“

اهي ٻئي حديثون ٻڌائين ٿيون تہ سٺو انسان بنجڻ ، اهو اسلام کي مطلوب آهي.

سٺو انسان بنجڻ، سٺي معاشري جي بنياد وجهي ٿو ، اهو ڪم اهڙو آهي جيڪو اسان سڀني جي بہ ضرورت آهي تہ معاشري ۽ رياست جي بہ ضرورت آهي. سٺو انسان بنجڻ جيترو گهڻو ضروري ۽ اهم آهي، اوترو ئي اسان ان کان غافل آهيون. اسان جي تعليم وتربيت جا سمورا ادارا معاشري کي سٺو انسان فراهم ڪرڻ کان قاصر آهن. سبب اهو آهي تہ سٺو انسان بنجڻ جي لاءِ پنهنجي اندر کي تبديل ڪرڻو پوندو آهي، اهو ئي ڪم آهي جيڪو ڏکيو سمجهي ڪو طاقتور ادارو ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، بلڪ اهي سٺو انسان بنجڻ جي طريقي ۽ سليقي کان واقف ئي ناهن. جديد تعليمي ادارا دنيا داري ۽ماديت جو جنون پيدا ڪرڻ ۽ دنياوي زندگي کي ڪامياب بنائڻ جي لاءِ تياري ڪرائين ٿا. پر اهي سٺو انسان بنجڻ جي ڪا تعليم نٿا ڏين.

هنن حالتن ۾ جيڪڏهن معاشري جي هر طبقي ۾ مفادن جي لاءِ ڇڪتاڻ جي حالت موجود آهي ۽ هڪٻئي کي ڪيرائڻ جون ڪوششون جاري آهن، ته اهو هن جو لازمي نتيجو آهي.

سٺي انسان جي جاءِ تي جيڪڏهن بداخلاق انسان سامهون ايندو ، جيڪو سٺي تربيت کان محروم هوندو ته هن قسم جا گهٽيا انسان گڏجي معاشري کي فساد سان ڀري ڇڏيندا، جيڪو منظر اسان اڄڪلهه هر هنڌ ڏسي رهيا آهيون، معاشري جي هن تباهيءَ جي ڪري هر ماڻهو پريشان آهي ۽ غمزده به ، سمجهه ۾ نٿو اچي ته مسلم معاشري جو اهو حال ڪيستائين رهندو؟

اسلام جهڙي پاڪيزه تعليمات جي موجودگيءَ ۾ اسان جو اهو حشر هجي، اها وڏي ڏک جي ڳالهه آهي. سٺو انسان بنجڻ اصل ۾ نفس پرستيءَ جي قوتن کي پائمال ڪري، پنهنجا غرض، مفاد ۽ خواهشون ڇڏي، ماده پرستيءَ کان بلند ٿيڻ سان تعلق رکي ٿو ، جيستائين نفس ڪو نه سڌرندو ، تيستائين ماڻهو سٺو انسان نٿو بڻجي سگهي. سٺو انسان نه ٿيندو ته پنهنجي ذات کي به روزاني زندگيءَ ۾ تڪليف ۾ وجهندو ۽ معاشري ۾ به فساد ڦهلائڻ جو باعث ٿيندو .

ياد رکڻ گهرجي ته سٺو انسان بنجڻ جي ڪوشش ڪرڻ کانسواءِ اسان پنهنجي گهرن، ادارن، جماعتن ۽ سياست وغيره کي جهيڙي جهتي جو مرڪز بنائڻ کان سواءِ نٿا رهي سگهون، جتي هڪٻئي کي ڪيرائڻ جو ڇڪتاڻ وارو ماحول هجي، اتي مايوسيءَ جي ڏٻڻ ۾ ڦاسڻ کان بچي وڃڻ تمام ڏکيو آهي.

سٺو انسان اهو هوندو آهي جنهن سان ملي خوشي ٿيندي هجي، جيڪو ٻين جي عزت ڪندو هجي، پنهنجي اخلاق سان ماڻهن جي دل ۾ جاءِ



ٺاهي، ڪاوڙجي وقت به نرمي ۽ محبت جو مظاهرو ڪري، ٻين جي غلطين کي معاف ڪري انهن جي دل نه ڏکائي . جيڪي ماڻهو معاشري کي جوڙڻ جو ڪردار ادا ڪن ٿا، جيڪي پنهنجو مفاد ڇڏي ٻين جي لاءِ ايثار ڪن ٿا، هر ڏکئي وقت ۾ ٻين جي مدد لاءِ تيار رهن ٿا، وغيره وغيره .

سٺو انسان بنجڻ سان دين و دنيا جون سموريون سعادتون وابسته آهن، جڏهن ته خراب انسان بنجڻ سان دنيا ۽ آخرت ۾ خسارو ئي خسارو آهي.

محمد موسيٰ ڀٽو
آمنه حامد زبيدي

## وڏو بنجڻ ۽ فساد ڦهيلائڻ جي سزا

قرآن پاڪ ۾ هڪڙي آيت آهي تہ ”تلڪ الدار الآخرة نجعلها للذين لايريدون عدوا في الارض ولا فسادا. ترجمو: (آخرت جو هي گهر اسان انهن ماڻهن لاءِ تيار ڪيو آهي جيڪي دنيا ۾ نہ ئي وڏو بنجڻ چاهين ٿا، نہ ئي فساد مچائڻ چاهين ٿا.

هن آيت ۾ وڏ پڻ تان هٿ ڪڻڻ ۽ فساد برپا نہ ڪرڻ تي خوشخبري ٻڌائي وئي آهي، خوشخبري بہ معمولي نہ ،تمام وڏي، يعني آخرت ۾ بهشت جي خوشخبري ۽ آخرت ۾ الله سان ملاقات جي خوشخبري هڪڙي حديث شريف ۾ تڪبر جي باري ۾ فرمايو ويو آهي تہ ، ”جنهن ۾ ذري برابر بہ تڪبر (وڏائي) هوندو تہ اهو بهشت ۾ نہ ويندو“. فساد جي باري ۾ قرآن پاڪ ۾ ماضيءَ جي ڪجهہ سرڪش ماڻهن جي باري ۾ فرمايو ويو آهي تہ : فاڪثر فيها الفساد فصب عليهم ربڪ سوط عذاب. ترجمو: (بس انهن مان اڪثر ماڻهن زمين تي فساد مچايو ، (پوءِ) انهن تي تنهنجي رب جي عذاب جو ڪوڙو وسيو) هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ تڪبر ۽ وڏائي جي نفسيات ۽ فساد ڦهلائڻ ايڏو وڏو گناه آهي، جو ان جي سزا دنيا سان گڏوگڏ آخرت ۾ بہ نعمتن کان محروميءَ جي صورت ۾ ملي ٿي .

پنهنجو پاڻ کي وڏي شخصيت سمجهڻ، ٻين کي حقير سمجهڻ ، پاڻ کي ٻين تي مٿانهون ظاهر ڪرڻ، اها هڪ اهڙي بيماري آهي، جيڪا اڪثر ماڻهن ۾ ڪنهن نہ ڪنهن حد تائين اها بيماري موجود هوندي آهي، جنهن ڪري اڪثر ٻين سان تعلقات ۾ ڇڪتاڻ رهي ٿي، الله جي زمين ۾ فساد ڦهلائڻ اهو پڻ سنگين ڏوهہ آهي، فساد جي هڪڙي نوعيت تہ اها آهي تہ



بااختيار ۽ مقتدر حضرات، اقتدار جي نشي ۾ ٻين تي ظلم ۽ زيادتي ڪندا رهن ٿا، ۽ انهن کي هر صورت ۾ پنهنجو زبردست بڻائين، اها روش هميشه مقتدر حضرات جي رهي آهي ۽ اڄ بہ آهي، فرق صرف اهو آهي تہ اڄڪلهہ فساد ڦهلائڻ جي روش وڌيڪ شدت سان جاري آهي. الله جي ڌرتيءَ تي فساد ڦهلائڻ ۽ الله جي ٻانهن تي حڪم هلائڻ ۽ انهن تي پنهنجا فيصلا مڙهڻ، اها روش ظاهر ڪري ٿي تہ ماڻهو الله جي زمين کي، الله جي زمين نہ پر پنهنجي زمين سمجهي ٿو ۽ الله جي ٻانهن کي پنهنجو ٻانهو سمجهي ٿو .

فساد ڦهلائڻ جي ٻي صورت اها آهي تہ اقتدار ۽ اختيار تہ گهڻو ڪونهي، پر ڪنهن اداري، انجمن يا ڪنهن گروهہ ۾ ڪا حيثيت يا اهميت حاصل آهي، يا جيڪڏهن ڪا حيثيت حاصل نہ بہ هجي، پر پنهنجي آڪڙ ۽ وڏائي واري مزاج جي ڪري ٻين سان جهيڙو جهڳڙو ڪرڻ، پريشان ڪرڻ، اهو بہ فساد جي زمري ۾ اچي ٿو، پر فساد جي هلڪي صورت آهي .

تڪبر ۽ فساد ڦهلائڻ، اها صفت ٻڌائي ٿي تہ اهو فرد خدائي صفات ۾ شامل ٿيڻ جو مريض آهي، اهڙي فرد جي سزا دوزخ جو عذاب ئي آهي.

اڄوڪي دور ۾ اهي ٻئي بيمارين گهڻو وڌي ويون آهن، جنهن جي ڪري الله جي زمين تي فساد برپا ٿي ويو آهي ۽ ماڻهن جي زندگي عذاب بڻجي وئي آهي. بدقسمتيءَ جي ڳالهہ اها آهي تہ اهي گناهہ جيترا وڏا گناهہ آهن، اوترو ئي هنن گناهن جو شعور ۽ ادراڪ ماڻهن کان سلب ٿي ويو آهي .

اهي باطني نوعيت جا گناهہ آهن، جيڪي باطن مان اڀري فرد کي آڪڙ ۽ وڏائي جي نفسيات ۾ مبتلا ڪري فساد تي اڀارين ٿا، هنن باطني گناهن کان بچڻ جي لاءِ صرف شعور ۽ ادراڪ بہ ڪافي ڪونهن، بلڪ باطن جي اصلاح تي زور ڏيئي پنهنجي سڌاري جي عمل کي جاري رکڻو آهي.

ڪير آهي جيڪو دوزخ ۾ وڃڻ چاهيندو . دوزخ کان بچڻ جي لاءِ ضروري آهي تہ دنيا ۾ وڏو بنجڻ ۽ فخر ۽ غرور کان پاسو ڪجي ۽ الله جي ڌرتيءَ تي فتنو فساد برپا ڪرڻ کان پرهيز ڪجي.

هنن بيمارين کان بچڻ جهنم کان پاڻ کي بچائڻ آهي، تنهن ڪري ان جي لاءِ نفس کي مجاهدن جي مرحلن مان گذاريو وڃي.

تڪبر ۽ ظلم ۽ فساد جو وقت مختصر هوندو آهي، پر هن جي سزا سخت ۽ دردناڪ آهي، ۽ ڏگهي عرصي تائين جهنم جي صورت ۾ ڀوڳڻي ٿي پوي .

اهڙن ماڻهن کي دنيا ۾ بہ سزا ملي ٿي، اها سزا اها آهي تہ اهڙن ماڻهن جي دل مان سڪون ۽ اطمينان ختم ٿيو وڃي، سدائين بيچين ۽ پريشان رهن ٿا. مطمئن رهڻ لاءِ اونده ۾ هٿوراڙيون هڻندا رهن ٿا. هاڻي بہ وقت آهي، هوش کان ڪم وٺي پاڻ کي سنڀالڻ جي ضرورت آهي.



محمد موسيٰ ڀٽو
آمنه حامد زبيدي

# قومن کي بگاڙڻ ۽ سنوارڻ ۾
## نظام تعليم جو ڪردار

قومن کي بگاڙڻ ۽ سنوارڻ ۾ تعليم جو ڪردار سڀ کان اهم هوندو آهي، تعليم ۾ جيڪڏهن خدا پرستيءَ جي نظرئي تي مبني روح شامل هوندي تہ اهڙي تعليم سان الله سان محبت ڪرڻ وارا افراد پيدا ٿيندا آهن، جيڪي قومي ۽ ملي زندگيءَ جي هر شعبي جي تعمير ۽ ترقيءَ ۾ هن نظرئي جي تقاضن کي شامل ڪندا آهن، هن قسم جي تعليم سان اهڙا سياستدان، آفيسر ۽ اهل تجارت پيدا ٿيندا آهن جيڪي الله جي محبت جي زيراثر پنهنجي مفادات تان هٿ ڪڻي، ملت جي تعمير جو ڪارنامو سرانجام ڏيندا آهن، اهڙي تعليم قومن جي لاءِ سرمايهٔ حيات هوندي آهي ۽ کين بلند ڪرڻ جو ذريعو پڻ، پر هن تعليم جي تقاضا هڪڙو بہ اسلاميات جو ڪتاب شامل ڪرڻ سان پورو نٿو ٿئي، بلڪ سموري نصاب تعليم کي الله جي شان عظمت سان سرشار ڪرڻ سان وابستہ هوندو آهي، جيئن تہ الله قادر مطلق هستي آهي، سموري ڪائنات جي خالق هستي آهي، ڪائنات جون سڀ شيون الله جي تعريف ۽ تسبيح ۾ مشغول آهن، سمورا علم الله جا پيدا ڪيل آهن، تنهنڪري نصاب تعليم ۾ ان جي روح کي شامل ڪرڻ سان اهڙا افراد تيار ٿيندا آهن، جيڪي الله ۽ ان جي ٻانهن سان وفاداري جي رشتي ۾ جڙيل هوندا آهن، اهي صاحب ڪردار هوندا آهن، الله جي محبت هنن جي رڳ رڳ ۾ سمايل هوندي آهي، هو الله جي مخلوق جي ڀلائي کي پنهنجي ڀلائي سمجهندا آهن.

هن قسم جي تعليمي نظام سان ئي پاڪيزه ڪردار ۽ اعليٰ اخلاق واريون قومون تيار ٿين ٿيون. جيڪي هرقسم جي بحران کي منهن ڏيئي همت ۽ حوصلي سان ڪامياب ٿين ٿيون.

سموري علوم وفنون جي بنياد الله جي وحدت آهي، يعني سمورا علوم وفنون الله تعاليٰ جي وحدت جا مظاهر آهن، هنن علوم جي ساخت ۾ پنهنجي خالق جي معرفت ۽ ان جي روح موجود آهي، تنهنڪري هنن علوم کي جڏهن الله جي وحدانيت جي مرڪزي نڪتي جي تحت پڙهيو ويندو ته ان سان الله جي شان عظمت جي زير اثر الله جي محبت پيدا ٿيندي ۽ الله جي محبت فرد کي سڄي زندگي الله جي اطاعت جي دائري ۾ رکندي ۽ فرمانبرداريءَ جي دائري کان ٻاهر نه وڃڻ ڏيندي .

علوم جو حاصل الله جي شان عظمت جو غلبو آهي، ۽ ان جو مرڪز الله سان والهانه محبت آهي، تعليم جو ٻيو نظام عقليت پرستي ۽ ماده پرستي تي مبني نظريات مان نڪتل آهي، جيڪڏهن مسلمان پنهنجي پاڪيزه نظرئي کان منهن موڙي هن قسم جي تعليم کي پنهنجو حصو بڻائين ٿا ته ان سان اسلام ۽ اسلاميت جي روح کان عاري آفيسر، سياستدان ۽ تاجر وغيره پيدا ٿين ٿا، جيڪي پنهنجي مفاد ۽ حرص وهوس جي جذبن کان مغلوب ٿي قومي ۽ ملي زندگيءَ کي مشڪلن ۾ وجهڻ ۽ تباهه ڪرڻ کان وسئون نٿا گهٽائين هن قسم جو تعليمي نظام روح کي فاسد بنائڻ جو ڪارنامو سرانجام ڏئي ٿو . چو ته اهڙي قوم جي سوچ مادي آسائشن جي حصول کان اڳيان وڌي ئي نٿي، تنهنڪري اهو تعليمي نظام هنن جي زوال جي لاءِ ڪافي هوندو آهي.

تعليمي نظام جيڪڏهن اسلامي نظرئي مطابق نه هوندو ته ان سان جيڪي نقصان ٿين ٿا اهي ڪجهه هن طرح جا آهن.

قومي وحدت جو عمل متاثر ٿئي ٿو . لساني ۽ علاقائي قوميتن کي ايرڻ جو موقعو ملي ٿو . اقتدار جي جنگ تيز ٿئي ٿي، مختلف طبقن ۾



ڇڪتاڻ شروع ٿي وڃي ٿي، مقتدر طبقن جو غلبو ٿيڻ لڳي ٿو، هر لساني ۽ علاقائي قوميت پاڻ سان ظلم ۽ زيادتيءَ جون دانهون ڪرڻ لڳي ٿي،طاقتور طبقن کي ڪمزورن تي تسلط قائم ڪرڻ جو موقعو ملي ٿو . فڪري انتشار وڌڻ لڳي ٿو . جنهن کي جتان به مال ڪمائڻ جو موقعو ملي ٿو . اهو بي حساب مال ڪمائڻ لڳي ٿو . ڪو به جهل پل ڪرڻ وارو ڪونهي، قوم ۾ بيوسي ۽ لاچاريءَ واري حالت پيدا ٿيڻ لڳي ٿي، منتشر ذهن وارا افراد تيار ٿيڻ لڳن ٿا.

اهي سمورا نقصان ان ڪري ٿين ٿا جو قوم جي تربيت ڪرڻ وارو سڀ کان وڏو ادارو قوم جي تربيت ڪرڻ کان قاصر هوندو آهي، ايئن قوم سان وابسته افراد نفس پرستي ۽ ماده پرستي جي ورچڙهي ٿا وڃن ۽ الله کان پري ٿيڻ لڳن ٿا، الله تعاليٰ کان پري ٿيڻ وارن ماڻهن کي الله پاڪ اڃان به پاڻ کان پري ٿو ڪري ڇڏي .

مسلمان جيڪڏهن اسلام کان لاپرواهيءَ جي روش اختيار ڪندا ته انهن کي ٻين جي مقابلي ۾ وڌيڪ سزا ٿي ملي .

اسان هتي نظام تعليم جي حوالي سان ملڪ جي ٽن ممتاز ۽ بلند پايه شخصيتن جي تحريرن منجهان اقتباس پيش ٿا ڪريون ته هن موضوع جي اهميت اجاگر ٿئي.

علامه اقبال لکن ٿا.

مون کي اهو ڏسي افسوس ٿو ٿئي ته مسلمان طالب علم جيڪو پنهنجي قوم جي اخلاقي ۽ سياسي تصورات کان اڻڄاڻ آهي، اهو روحاني طور بي جان لاش جيان آهي، ۽ جيڪڏهن موجوده صورتحال ويهن سالن تائين قائم رهي ته اها اسلامي روح جيڪا قديم اسلامي تهذيب جي ڪجهه علمبردارن جي قالب ۾ اڃا تائين زنده آهي، اسان جي جماعت (قوم) جي جسم مان بلڪل ئي نڪري ويندي، اهي ماڻهو جن تعليم جو اهو اصلي اصول قائم ڪيو هو ته ”هر مسلمان ٻار جي تعليم جي شروعات قرآن

ڪريم جي تعليم سان هيٺ گهرجي“ اهي اسان جي مقابلي ۾ اسان جي قوم جي فطرت ۽ نوعيت کان بخوبي واقف هئا. (بحواله ”صدق جديد“ لکنو 14 مارچ 1984)

علامہ اقبال جو بيان ڪيل اهو نڪتو تقريبا اوڻويھ سئو پنجٽيھ جو آهي، جيڪو اڄڪلھ جي حالات جي بهتر عڪاسي ڪري ٿو.

مولانا سيد سليمان ندوي ڪتاب ”داستان عمل“ مصنف منشي عبدالرحمن جي مقدمي ۾ لکن ٿا.

قومن جي تعمير ان جي افراد جي ڪردار ۽ سيرت جي تعمير سان ٿيندي آهي، اهو اهو نڪتو آهي جنهن جي بنياد تي انگريزي دور کان اڳ اسان جي ٻولي ۾ تعليم جو وڏو سرمايو اخلاقي ڪتابن جو نصاب هو ، ”ڪريما“ کان وٺي ”گلستان، بوستان“ تائين جيڪو ڪجھ پڙهايو ويندو هو ، اهو سراسر اخلاقي هو ۽ ان مان جيڪو سبق ملندو هو ، اهو هر عمر ۾ پڙهڻ واري جي ڪم ايندو هو ، انگريز آيا تہ ٻارن جي لاءِ ڪتن ۽ ٻلين جا قصا پاڻ سان ڪٺي آيا، جن مان ٻارڙي دلچسپي کان سواءِ ڪا اخلاقي تعمير، سيرت جو فائدو ۽ نہ حياتي کي صحيح نموني گذارڻ جا ڪي قائدا ۽ اصول معلوم ٿيا، اسان جي ڪتابن ۾ جيڪو ڪجھ هو اهو سڀ وڏڙن جا ڪي دانائي ۽ حڪمت وارا قول ۽ قرآن ۽ حديث جا احڪام هئا. جيڪي حياتيءَ جي هر موقعي جي لاءِ ڪافي هئا.

هاڻي جڏهن سياسي حالتون بدلجي ويون آهن تہ ضروري آهي تہ اسان جي تعليمي نظام ۾ بہ سڌارو اچي ۽ وري اخلاقي تعليمات کي اسان جي نصاب ۾ مناسب جاءِ ڏني وڃي. هن وقت پاڪستان جي سمورن سرڪاري ملازمن، سياسي، واپاري ۽ عام ماڻهن ۾ جيڪي اخلاقي خاميون نظر اچن ٿيون، جن جو هر روز اخبارن ۾ اظهار ٿيندو رهي ٿو، اهو سمورو هن تعليمي نقص جو نتيجو آهي.



اسان جي گذريل تاريخ صرف قتل، خون ريزي ۽ فوج ڪشي جي داستان ناهي، بلڪ بزرگن، بادشاهن، اميرن وزيرن، اهل سياست، ۽ اهل علم جي ڪارنامن سان ڀريل آهي، ضرورت رڳو هن ڳالھ جي آهي تہ اسان جا اهل قلم ۽ مصنف حضرات هن سنهري ڪارنامن کي هڪ جاءِ تي گڏ ڪري قوم جي اڳيان پيش ڪن ۽ شعبۂ تعليم ان کي پنهنجي نصاب ۾ جاءِ ڏئي، تہ جيئن نوجوانن جا اخلاق پاڪ صاف ، بلند ۽ اعليٰ ٿين، نہ تہ اهو ذهن ۾ رکو تہ اخلاقي بلنديءَ کانسواءِ نہ ڪا قوم ترقي ڪري سگهي آهي ۽ نہ زنده رهي آهي .

ڊاڪٽر محمد رفيع الدين لکيو آهي تہ :

جيڪڏهن اسان پنهنجي ملڪ جي لاءِ هڪ اسلامي نظام تعليم جي تعمير ۾ دير ڪئي تہ اسان اعتقادي ۽ اخلاقي لحاظ کان ڏينهون ڏينهن ڪمزور ٿيندا ويندا سين، ڪنهن قوم جي اخلاقي يعني نصب العين جي محبت ان جي سمورين قوتن جو سرچشمو هوندي آهي، ان تي قوم جي وحدت ۽ تنظيم جو دارو مدار هوندو آهي ۽ ان جي بنيادن تي قوم جي فوجي ۽ اقتصادي قوت تعمير ٿئي ٿي، جيڪڏهن نصب العين جي محبت ڪمزور ٿي وڃي تہ قوم جون سموريون قوتون ڪمزور ٿي وڃن ٿيون.

نادانستہ اسان ٻين قومن سان هڪ اهڙي ڊوڙ ۾ شريڪ آهيون جنهن ۾ هر قوم جان جي بازي لڳائي رکي آهي، جيڪا قوم هن ڊوڙ ۾ هارائيندي ان جي سزا اها آهي تہ ان کي مٽائي ڇڏبو ، ۽ جيڪا قوم کٽي وڃي، ان جو انعام اهو آهي تہ ٻيون قومون ان جون غلام بڻايون وڃن ٿيون، اسان کي ڏسڻ گهرجي تہ اسان کٽون پيا، يا هارايون پيا؟ هر ڊوڙ جيان هن ڊوڙ ۾ بہ ”وقت“ انتهائي اهم آهي ، جي قوم وقت اجايو وڃائيندي، ڪٿي اها ڪيڏي بہ طاقتور هجي، ضرور هارائيندي، جيڪڏهن اسان وقت وڃايون تہ هن ۾ ذرو بہ شڪ ناهي تہ ڌارين جي تصورات ۽ عقيدن جو سيلاب اسان کي ٻوڙڻ لاءِ گهيري وٺندو ، جيڪڏهن جلد ئي اسان پاڻ سنڀاليو تہ اسان نہ رڳو هن هن ٻوڏ کان

محفوظ رهندا سين بلڪ اسان جا تصورات ۽ عقيدا ٻين کي گهيري ويندا، افسوس آهي جو اسان اڃان تائين هن ڳالهه کي چڱي طرح ڪونهي سمجهيو ته تعليم جو معاملو صرف تعليمي نوعيت جو ناهي، بلڪ سياسي نوعيت جو آهي ۽ اسان جي حياتي ۽ موت ان سان لاڳاپيل آهي. ("اسلام جو نظريه تعليم" صفحو 38-39)

ڪنهن قوم جي تاريخ ۾ حياتي ۽ موت کي پيدا ڪرڻ واري عوامل جا اثرات ڪجهه سالن، بلڪ ڪڏهن ڪڏهن ڪجهه صدين ۾ به ظاهر نٿا ٿين، پر ان جي باوجود يقيني طور نمودار ٿين ٿا ۽ انهن جي اثرن کي روڪي نٿو سگهجي، جيڪڏهن اڄ ڪا قوم سجاڳ ٿئي ٿي ته ضروري ناهي ته دنيا ان جي طاقت ۽ سجاڳيءَ جو مشاهدو اڄ ڪري يا ڪجهه صدين ڪان پوءِ، دنيا ضرور ان جي زندگي ۽ طاقت جو مشاهدو ڪندي.

اهڙي طرح جيڪڏهن ڪا قوم مري رهي آهي ته اها معمولي ڳالهه آهي ته ماڻهو ان جي موت جو نظارو اڄ ڏسن يا ڪجهه عرصي بعد، ان جي موت يقينا دنيا جي سامهون اچي ويندي، اسان کي ڏسڻ گهرجي ته اسان مري رهيا آهيون يا زنده ٿي رهيا آهيون، ٻه ئي صورتون ممڪن آهن، يا اسان پنهنجي اعتقادات جي حفاظت نه ڪرڻ سان ذهني طور ٻين جا غلام بڻجي وينداسين ۽ اسان جي سياسي آزادي به خطري ۾ پئجي ويندي، ۽ يا وري اسان پنهنجي معتقدات سان ذهني طور تي مغلوب ڪري سندن سياست تي غالب اچي وينديون، موت ۽ حياتي، غلامي ۽ آزاديءَ جي اڳيان ڪنهن قوم جي لاءِ ڪو مقام نٿيون رکن اسان کي ڏسڻ کپي ته اسان جو رخ ڪهڙي پاسي آهي، ذهني آزاديءَ جي طرف، يا ذهني غلاميءَ جي طرف زندگيءَ جي طرف يا موت جي طرف؟ اڃان به اسان پنهنجي نظام تعليم کي بدلائي، پنهنجي زندگيءَ جي نظرئي مطابق نه بڻائي سگهياسين ته ظاهر آهي هن سوال جو جواب نهايت دل ڏاريندڙ ۽ خوفناڪ آهي." ڪنهن قوم جو امتيازي نشان، جيڪو هن کي الڳ سڃاڻپ ڏئي ٿو ۽ ان جي هستيءَ جو



ثبوت هجي ٿو ، اهو هنجو اعتقاد يا تصور حيات ٿئي هجي ٿو ، "غلامي" اصل ۾ ذهني غلامي هوندي آهي ۽ آزادي ذهني آزادي، جيڪا قوم سياسي غلاميءَ جي باوجود پنهنجي حياتيءَ جي نظرئي تي قائم رهي سگهي ٿي ۽ ان کي حقيقت ۾ پنهنجي فڪر وعمل جو محور بڻائي سگهي، اها قوم درحقيقت آزاد آهي ، ان جي برعڪس سياسي آزاديءَ جي هوندي جنهن قوم جي فڪر وعمل جي پيڙهه ڌارين جي نظرين ۽ عقيدن تي هجي اها قوم آزاديءَ جي باوجود غلام آهي، سياسي آزادي ڪنهن قوم جي نظر ۾ مقصود بالذات ناهي هوندي بلڪ هر قوم سياسي آزادي کي پنهنجي ذهني آزاديءَ جي لاءِ حاصل ڪري ٿي .

اهڙي طرح هر قوم جي شڪست ، ذهني شڪست آهي، ۽ فتح، ذهني فتح آهي، ڪا به قوم فوجي شڪست کان تيستائين پريشان نٿي ٿئي، جيستائين ان کي يقين نه هجي ته ان جو نتيجو ذهني شڪست هوندو ، ۽ ڪا به قوم، فوجي فتح سان ان وقت تائين مطمئن نٿي ٿئي، جيستائين ان کي يقين نه هجي ته ان جو نتيجو ذهني فتح هوندو پر قومن جي بدقسمتي يا خوش قسمتيءَ سان فوجي شڪست هميشه ذهني شڪست تي، ۽ فوجي فتح هميشه ذهني فتح تي ختم ٿئي ٿي.

اسلامي تعليم جو اهو مطلب ناهي ته اسان اسلاميات جي هڪڙي مضمون کي انين جماعت تائين نصاب تعليم ۾ شامل ڪريون، جيڪڏهن اسان اسلاميات جي علحده مضمون کي ايم اي ۽ ايم ايس سي جي آخري جماعت تائين به شامل ڪريون ته ان سان اسان جو تعليمي نظام اسلامي نٿو بڻجي سگهي، اسلامي نظام تعليم اهو ٿي سگهي ٿو ، جنهن ۾ سمورن علمن جا نصابي ڪتاب اسلام جي نظريهٔ انسان ۽ ڪائنات جي مطابق هجن، جيئن ته اسلام جي "نظريهٔ انسان وڪائنات" جي روح الله جو تصور آهي، ان جو مطلب اهو آهي ته ڪو به نظام تعليم اسلامي نٿو ٿي سگهي،

جيستائين ان ۾ سموري سائنسي علوم جا نصابي ڪتاب اهڙي طرح نہ لکيا ويا هجن جن ۾ الله جو تصور مرڪزي محور هجي.

مغرب ۾ مختلف علوم جا جيڪي ڪتاب لکيا ويا آهن، اهي اسلامي نظريئہ ڪائنات جي مطابق ناهن، ڇو تہ هنن ڪتابن جو بنيادي عقيدو اهو آهي تہ ، سچائي اها آهي جيڪا حواس خمسہ سان دريافت ڪري سگهجي، جيئن تہ اهو اعتقاد صحيح ناهي ، ڇو تہ علوم هن اعتقاد جي روشنيءَ ۾ مرتب ڪيا ويا آهن، اهي بہ ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان ناقص ۽ اڌورا رهجي ويا آهن. ان جي برعڪس اسلامي نظريئہ ڪائنات جي مطابق سڀ کان وڏي سچائي جيڪا سيني وڏين سچائين جي ابتدا ۽ انتها آهي، اها الله تعاليٰ جي پاڪ ذات آهي، جيتوڻيڪ اسان الله تعاليٰ کي سڌو سنئون ڏسي نٿا سگهون، تنهن هوندي بہ مظاهر قدرت ۾ جيڪو نظم وضبط ۽ مقصد نظر ٿو اچي، اهو اسان کي مجبور ٿو ڪري تہ اسان الله جي تصور کي اهڙي معقول علمي تصور جي طور تي قبول ڪريون، جيڪو سمورن علمن جي روح هجي.

علوم جي متعلق مغربي تهذيب ۽ اسلام جي نقطئہ نظر جي هن بنيادي فرق جي سبب اسلام مغرب جي هر علمي موقف کي جيئن جو تيئن تسليم ڪري، بلڪ هر علمي مسئلي جي متعلق پنهنجي بنيادي تصورات جي روشنيءَ ۾ پنهنجي الڳ راءِ قائم ڪري ٿو ، ۽ پنهنجو الڳ فيصلو صادر ڪري ٿو، جنهن مان خبر پوي ٿي تہ هن مسئلي جي متعلق اسلام جي نظر ۾ حق ڇا آهي ۽ باطل ڇا آهي، صحيح ڇا آهي، غلط ڇا آهي، معقول ڇا آهي، نامعقول ڇا آهي؟ قرآن ڪريم جو دعويٰ آهي تہ هي حڪمت جو ڪتاب آهي، الله تعاليٰ جو نازل ڪيل آهي، جيڪو آسمان ۽ زمين جي اسرار ۽ رموز کي ڄاڻي ٿو "قل انزله الذي يعلم السر في السماوات والارض".(اي پيغمبر! چئو تہ هن کي ان پاڪ ذات نازل ڪيو آهي، جيڪو آسمان ۽ زمين جا ڳجهہ ڄاڻي ٿو) .



وري قرآن پاڪ جو دعويٰ آهي تہ هو ان لاءِ نازل ٿيو آهي تہ حق کي حق ۽ باطل کي باطل ثابت ڪري ۽ هو ان لاءِ نازل ٿيو آهي تہ علمي مسئلن سميت انهن سمورن مسئلن جي باري ۾ پنهنجا فيصلا صادر ڪري، جن ۾ ماڻهو اختلاف رکن ٿا. "ليحكم بين الناس فيما اختلفوا فيه."

قرآن ڪريم "انسان ۽ ڪائنات"جي حقيقت جي متعلق اسان کي اهڙا تصورات عطا ڪري ٿو ، جنهن جي روشنيءَ ۾ اسان معلوم ڪري سگهون ٿا تہ قرآن پاڪ جي نزديڪ علم، عقل، حڪمت، سائنس، طبيعات، حياتيات، نفسيات، سياست، فن، اخلاق، تعليم، اقتصاديات، قانون، تاريخ، انسان ارتقاء ، نبوت، جبلت ۽ نصب العين جهڙن موضوعات جي متعلق صحيح نقطئہ نظر ڇا آهي؟ هنن سمورن موضوعات جي متعلق اسلام جو نقطئہ نظر، الله وحده لا شريڪ له جي عقيدي تي مبني آهي، اهو ئي سبب آهي جو اسلامي نظام تعليم ۾ الله جل شانه جو تصور سمورن علمن جو محوري تصور هئڻ گهرجي. اسلامي نظام تعليم ۾ بي خدا فلسفو، بي خدا طبيعات، حياتيات، نفسيات، اقتصاديات، سياست، بي خدا قانون، بي خدا تاريخ صرف علمي نظرئي جي حيثيت سان نٿا پڙهائي سگهجن، بلڪ رڳو ان جي منطقي ۽ عقلي غلطين کي سمجهائڻ جي لاءِ پڙهائي سگهجن ٿا. ڇاڪاڻ تہ هنن علوم ۽ نظريات مان اها ڳالهہ واضح ٿئي ٿي تہ ڪيئن جڏهن ڪو علم نظريئہ خدا جي تصور کان جدا ٿي وجود ۾ اچي ٿو تہ ان ۾ عقلي ۽ منطقي خاميون پيدا ٿي وڃن ٿيون. اسلامي نظام تعليم اهڙن نظرين جي خامين ۽ ناڪامين کي دريافت ڪري پڌرو ڪري ٿو . (اسلامي تعليم، مئي، جون 1972ء)

# ڪائنات جو ڪو تہ ڪاريگر آهي

”سج“ فضا ۾ گذريل 5 ارب سالن کان هڪڙي مقرر رستي تي، 600 ميل في سيڪنڊ جي تيز رفتار سان لڳاتار ڊوڙندو ٿو وڃي، ان سان گڏوگڏ ان جو خاندان، 9 سيارا 27 چنڊ ۽ لکين اجرام فلڪي جو قافلو انهي رفتار سان پنهنجي مدار تي مسلسل هلندو رهي ٿو، ڪڏهن ايئن ناهي ٿيو جو ٽڪجي ڪو پٺيان رهجي ويو هجي يا ڪو هيڏانهن هوڏانهن ٿي ويو هجي، سڀ پنهنجي پنهنجي واٽ تي پنهنجي پروگرام مطابق نهايت تابعداريءَ سان هلندا ٿا رهن.

هاڻي جيڪڏهن ڪو چوي تہ ، ” هلن ٿا، پر هلائڻ وارو ڪو ڪونهي، ڊيزائن آهي، پر ڊيزائنر ڪو ڪونهي، قانون آهي پر قانون نافذ ڪرڻ وارو ڪو بہ ڪونهي. مقرر ترتيب جي دائري مان نٿا نڪرن، پر خلقڻ وارو ڪو ناهي، بس، اهو سڀ هڪ حادثو آهي“. تہ ان کي توهان ڇا چوندو؟

”چنڊ“ تي لک ستر هزار ميل پري کان، زمين جي سمنڊن جي اربين کربين ٽن پاڻيءَ کي ڏينهن ۾ بہ پيرا ”مدوجزر“ جي ڇولين سان هيٺ مٿي ڪندو رهي ٿو، تہ جيئن سامونڊي مخلوق جي لاءِ هوا مان مناسب مقدار ۾ آڪسيجن جو انتظام ٿيندو رهي، پاڻي صاف ٿيندو رهي، ان ۾ بدبوءِ نہ پيدا ٿئي، ساحلي علائقن جي صفائي ٿيندي رهي ۽ گندگي وهي اونهي پاڻيءَ ۾ هلي وڃي.

سمنڊ جو پاڻي ايڏو کارو آهي جيتري ان جي ضرورت آهي، نہ گهڻو کارو ۽ نہ گهٽ کارو گذريل ٽي ارب سالن کان هڪ مناسب توازن ۾ لوڻ جي مقدار برقرار آهي، تہ جيئن ان ۾ ننڍا وڏا سڀ پاڻيءَ جا جانور سولائيءَ سان تري سگهن ۽ مرڻ کانپوءِ انهن ۾ بدبوءِ نہ ٿئي.



هن سمنڊ مان کاري ۽ مٺي پاڻيءَ جون نهرون بہ گڏ وهن ٿيو زمين جي سطح جي هيٺان بہ مٺي پاڻيءَ جا سمنڊ آهن، جيڪي کاري پاڻي جي ڪليل سمنڊ سان گڏ هوندي بہ پاڻ ۾ ملن نٿا، سيني جي وچ ۾ هڪ غيبي پردو آهي جيئن کارو پاڻي کارو رهي ۽ مٺو پاڻي مٺو، هن حيران ڪندڙ انتظام جي پويان ڪهڙي قوت آهي جيڪا هن توازن کي برقرار رکيو وينئي آهي، ڇا پاڻيءَ جي پنهنجي سوچ هئي يا چنڊ جو فيصلو؟

ساڍا چوڏنهن سئو سال اڳ جڏهن جديد سائنس جو ڪو وجود نہ هو، عرب جي صحرا واري آباديءَ ۾ ڪو اسڪول بہ نہ هو، ان وقت هڪ عظيم انسان اٿي سج ۽ چنڊ جي باري ۾ چوي ٿو، ” اهي سڀ هڪ حساب جا پابند آهن“. (والشمس والقمر بحسبان). (سورة الرحمان 5)

سمنڊ جي اونهائيءَ جي متعلق ٻڌائي ٿو تہ ”بينهما برزخ لا يبغيان.“

ترجمو: انهن جي وچ ۾ برزخ (پردو) آهي جنهن ان کي ڪنٽرول ڪري رکيو آهي).

جڏهن ستارن کي لڙڪندڙ چراغ چيو ويندو هو ، هن عظيم انسان فرمايو ”وكل في فلڪ يسبحون“ ترجمو: (پنهنجي پنهنجي مدار ۾ تري رهيا آهن). (سورة يس 40)

جڏهن سج کي ساڪن سمجهيو ويندو هو ، تڏهن هن فرمايو ، ”والشمس تجري لمستقرلها ذالڪ تقدير العزيز العليم“ ترجمو: ۽ سج پنهنجي مقرر ڪيل رستي تي ڪنهن اڻڄاتل منزل ڏانهن روان دوان آهي، اهو اندازو هڪ غالب علم واري جو مقرر ڪيل آهي. (يس 38)

جڏهن ڪائنات کي هڪ جامد ڇت (آسمان) جيان سمجهيو پئي ويو ، تڏهن هن عظيم انسان فرمايو ڪائنات ڦهلجي رهي آهي، وانا لموسعون. (سورة الذاريات 47)

هن عظيم انسان ٻڌايو تہ نباتات ۽ حيواني زندگيءَ جي بنياد پاڻيءَ تي آهي، البرٽ آئن اسٽائن پنهنجي دريافت ”قدرت جا قانون اڻ ٽر آهن،“ تي

جديد سائنس جو باني سڏيو ٿو وڃي، پر هن عظيم انسان گھڻو اڳ ٻڌائي ڇڏيو هو ته توهان رحمان جي تخليق ۾ ڪٿي به فرق نه ڏسندو ”ما ترىٰ في خلق الرحمان من تفاوت“. (سورة ملڪ 3)

جديد سائنس جي هنن قابل فخر دريافتن تان پردو کڻڻ وارو عظيم انسان چوڏهن سئو سال پهرين ڪنهن يونيورسٽيءَ مان ڪو نه پڙهيو هو.

قدرت جا قوانين ايترا ته متوازن آهن، جو هنن ۾ ڪا تبديلي يا ڦيرڦار نه ايندو نئين چاول ٻار کي ڪنهن سمجهايو ته ٻک لڳڻ تي روئي ماءُ جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪائي. ماءُ جي دل شفقت ۽ محبت سان لبريز ڪيئن ٿي ۽ ان کي ڪنهن اهو حوصلو ڏنو جو هر خطري جي اڳيان پٽ جيان مضبوط رڪاوٽ بڻجي، هڪ معمولي جهرڪي باز سان مقابلي لاءِ تيار ٿيو وڃي ڪڪڙ جا ٻچا آني مان نڪرندي ئي هلڻ ٿا لڳن. جانورن جا ٻچا ڪيئن ٻک لڳڻ تي کير لاءِ ماءُ جي ويجهو ٿا وڃن. انهن کي کير ٿو سيکاري؟ پکين جي دل ۾ کير محبت ٿو وجهي جو هو پنهنجي چهنب ۾ خوراڪ کڻي اچي ٻچن جي وات ۾ ٿا وجهن. اهي زندگيءَ جا آداب هنن کي ڪنهن سيکاريا؟

ماکيءَ جي مک ڏورانهين علائقن ۾ وڃي هڪڙي هڪڙي گل مان رس چوسي نهايت ايمانداريءَ سان آڻي ماناري ۾ گڏ ڪري ٿي، هن کي اها به سڄاڻپ آهي ته ڪهڙا گل زهريلا آهن. هڪ ماهر انجنيئر جيان ماکي ۽ ميڻ کي خوبصورت ماناري جي خانن ۾ جدا جدا جمع ٿي ڪري، هو اهو فن به ڄاڻي ٿي ته پنهنجي پرن جي هوا سان ماکيءَ کي ٿڌو رکي جيئن هو گرميءَ ۾ پگھرجي ماناري مان وهي نه وڃي. اهي مکيون ميڻ سان اهڙو گھر (ماناري) ٺاهين ٿيون جو ماهر آرڪيٽيڪٽ به ان کي ڏسي حيران آهن، لکن جي تعداد ۾ اهڙي منظم طريقي سان ڪم ڪن ٿيون، جنهن جو مثال نٿو ملي، هنن ماکيءَ جي مکين ۾ اهڙو ريڊار سسٽم نصب ٿيل آهي، جو تمام



پري وڃڻ کان پوءِ به هو واپسيءَ جو رستو نٿيون وساريون، انهن کي اهو عقل ڪنهن عطا ڪيو؟

ڪوريئڙو پنهنجي لعاب سان شڪار پڪڙڻ جي لاءِ اهڙو ڄارو ٺاهي ٿو، جو جديد ٽيڪسٽائيل انجنيئر به ايڏو نفيس ڌاڳو ٺاهڻ کان قاصر آهن.

گھريلو ماڪوڙيون (ڪوليون)گرميءَ جي موسم ۾ سياري جي لاءِ خوراڪ گڏ ڪن ٿيون، پنهنجي ٻچن جي لاءِ گھر ٺاهين ٿيون، اهڙي منظم طريقي سان رهن ٿيون، جنهن ۾ مينجمينٽ سان سڀ اصول حيران ڪندڙ حد تائين ڪارفرما آهن.

ٽڏي پاڻيءَ ۾ رهندڙ مڇيون، پنهنجي وطن کان هزارين ميل پري گرم پاڻيءَ ۾ وڃي بيضا ڏين ٿيون، پر ان مان نڪرڻ وارا ٻچا جوان ٿي پاڻ ئي ماءُ جي وطن پهچي وڃن ٿا نباتات جي زندگيءَ جو سائيڪل به گھٽ حيران ڪندڙ ڪونهي، جراثيم ۽ بيڪٽيريا ڪيئن ڪروڙن سالن کان پنهنجي بقا کي قائم رکيو ويٺا آهن، حياتيءَ جا اهي ڳڻ هنن کي ڪنهن سيکاريا؟

سوشل مينجمينٽ جا اهي اصول هنن کي ڪنهن سيکاريا؟ ڇا ڌرتي ايڏي عقل مند آهي جو هن پاڻ ئي رات ڏينهن جي مٽ سٽ جو نظام قائم ڪيو . پاڻهي پنهنجي محور تي 67 1/2 ڊگري جهڪي وئي ته جيئن سڄو سال موسم پاڻ ئي بدلجندو رهي، ڪڏهن بهار ڪڏهن گرمي ته ڪڏهن سرءُ ته ڪڏهن سردي، ته جيئن ڌرتيءَ تي رهڻ وارن کي سڄو سال ڀاڄيون، ميوا ۽ خوراڪ ملندي رهي. ڇا زمين پنهنجي اندر اتر ڏکڻ هڪ مقناطيسي نظام به پاڻهي پيدا ڪيو ته جيئن ان جي اثر سان ڪڪرن ۾ ڪنوڻ گجگوڙ ڪري هوا جي نائٽروجن کي نائٽرس آڪسائيڊ ۾ بدلائي، برسات جي ذريعي جي لاءِ قدرتي پاڻ مهيا ڪري .

سمنڊ ۾ هلندڙ بحري جهاز ۽ هوا ۾ اڏامندڙ هوائي جهاز هن مقناطيس جي مدد سان پنهنجو رستو لهن، آسمان مان ايندڙ نقصان ڏيندڙ شعاع هن مقناطيسيت سان ٽڪرائجي واپس موٽي وڃن ته جيئن زميني مخلوق هنن

جي مهلڪ اثرات کان محفوظ رهي ۽ زندگي جاري رهي. زمين، سج، هوائن، ميدانن ۽ جبلن گڏجي سمنڊ سان سمجهو تو ڪري رکيو آهي، تہ جيئن سج جي گرميءَ سان آبي بخارات مٿي وڃن ۽ هوائون اربين ٽن پاڻي کڻي، جبلن ۽ ميدانن تائين آڻين، ستارن مان ايندڙ ريڊيائي ذرا ڪڪرن ۾ موجود پاڻيءَ کي گڏ ڪري ڦڙن جي صورت ۾ اهو مٺو پاڻي وسي ۽ خشڪ زمين کي سيراب ڪري، جڏهن سياري ۾ پاڻيءَ جي گهرج گهٽ هوندي آهي تہ اهو جبلن تي برف جي ذخيري جي صورت ۾ گڏ ٿي وڃي ٿو. گرمين ۾ جڏهن پاڻيءَ جي گهڻي گهرج هوندي آهي تہ اها برف ڳري واهن، نهرن ۽ دريائن جي صورت ۾ ميدانن کي سيراب ڪندي واپس سمنڊ تائين پهچي وڃي ٿي. هڪ اهڙو شاندار ۽ متوازن نظام جيڪو ڌرتيءَ کي سيراب ڪري ٿو ۽ ڪجهہ بہ ضايع نٿو ٿئي ڇا اها بہ هوا، ڌرتي ۽ ستارن جي پنهنجي سوچ هئي؟

اسان جي جسم ۾ موجود پينڪرياز (لبلبا) رت ۾ کنڊ جي هڪ خاص مقدار کي وڌڻ نٿا ڏين، دل جو ڌڙڪڻ هڪڙي منٽ ۾ ستر اسي دفعا منظم طريقي جي باقائدي حرڪت سان جاري آهي، هڪ پنجهتر سالن جي حياتيءَ ۾ بنان مرمت جي ٽي ارب دفعا دل جو پابنديءَ سان ڌڙڪڻ ڪمال ناهي؟ اسان جون ٻُڪيون رت جي صفائيءَ جي هڪ عجيب فيڪٽري آهن، جنجو مثال نٿو ملي، هنن کي خبر آهي تہ رت ۾، جسم جي لاءِ جيڪو مفيد آهي، اهو رکڻو آهي ۽ بيڪار مواد کي ٻاهر اڇلائڻو آهي .

اسان جو معدو حيران ڪندڙ ميڊيڪل ڪمپليڪس آهي، جيڪو خوراڪ منجهان زندگي بخش اجزاء مثلا پروٽين ۽ ڪاربوها ئڊريٽس کي الڳ ڪري رت جي حوالي ڪري ٿو ۽ فضلات کي ٻاهر ڪڍي ٿو ڇڏي. انساني جسم ۾ انجنيئرنگ جا اهي شاهڪار، سائنس جا اهي بي مثل نمونا، هڪ ننڍڙي پيٽ ۾ لاجواب فيڪٽريون، ڇا اهي سڀ پاڻ هي پيدا ٿي تسلسل سان ڪم ڪرڻ لڳا آهن؟



دماغ کي ڪنهن ٺاهيو؟ مضبوط هڏين جي خول ۾ بند، پاڻيءَ ۾ ترندڙ هي عقل جو خزانو، معلومات جو ذخيرو، احڪامات جو مرڪز انسان ۽ ان جي ماحول جي درميان رابطي جو ذريعو، هڪ اهڙو ڪمپيوٽر جو انسان ان جي جوڙجڪ ۽ ڊيزائن کي اجان تائين پروڙي ناهي سگهيو، هزار ڪوشش جي باوجود انساني هٿن ۽ ذهن جو ٺاهيل ڪو سپر ڪمپيوٽر بہ "دماغ" جي عشر عشير تائين نٿو پهچي سگهي.

هر انسان ڪربين خلين جو مجموعو آهي، ايترا ننڍڙا خليا آهن، جيڪي خوردبين جي مدد کان سواءِ نظر بہ نٿا اچن، پر هر هڪ خليو ڄاڻي ٿو تہ ان کي ڇا ڪرڻو آهي، ايئن انسان جو هر خليو شعور رکي ٿو ۽ پنهنجي وجود ۾ هڪ مڪمل شخصيت آهي، جينز ۾ اسان جي سموري پروگرامنگ لکيل آهي ۽ حياتي هن پروگرام مطابق پاڻهي هلندي ٿي رهي، اسان جي شخصيت، اسان جو عقل ۽ ڏاهپ، مطلب تہ اسان جو سمورو رڪارڊ هنن خلين تي محفوظ ٿيل آهي. اها پروگرامنگ ڪنهن جي آهي؟ حيوانات هجن يا نباتات، ان جي ٻج جي اندر انجو سڄو نقشو بند آهي، اها ڪنهن جي نقشہ بندي آهي؟ خوردبين سان بہ مشڪل سان نظر اچڻ وارو سيل (Cell)هڪ مضبوط ، توانا، هوش ۽ عقل وارو انسان بڻجي وڃي ٿو ، اها ڪنهن جي بناوٽ آهي؟ ڇَپ، زبان ۽ تارونءَ جي اجزاء کي مختلف انداز ۾ حرڪت ڏيڻ ڪنهن سيکاريو؟ هنن حرڪتن سان طرح طرح جا عقلمند آواز ڪير پيدا ٿو ڪري؟ هنن آوازن کي معنيٰ ۽ مطلب ڪير ٿو عطا ڪري، لکين الفاظ ۽ هزارين ٻولين جو خالق ڪير آهي؟ الله رب العالمين هن خالق، رب ڪريم جي ڪهڙي ڪهڙي تخليق ۽ ڪاريگريءَ جو ذڪر ڪجي؟ ڪڏهن فرصت ملي تہ پنهنجي هٿن، پيرن، ڪن، نڪ ۽ اکين تي بہ غور ڪري ڏسون تہ ڪيئن بنان گهرڻ جي اسان زبردست نعمتن سان نوازيا ويا آهيون.

# "اجتهاد ۽ تقليد:
# (قرآني نصوص جي روشني ۾ شرعي حيثيت)

اسلامي شريعت ۾ اجتهاد ۽ تقليد ٻنهي کي بنيادي حيثيت حاصل آهي. اجتهاد اُن اهل علم جو ڪم آهي، جيڪي قرآن، سنت، لغت، اصول فقه ۽ ناسخ و منسوخ جهڙن علمن ۾ مهارت رکن ٿا. جڏهن ته عام مسلمان لاءِ قرآن ۽ حديث مان سڌو شرعي احڪام ڪڍڻ ممڪن ناهي، ڇاڪاڻ ته ان لاءِ گهري علمي صلاحيت گهربل آهي. انهيءَ ڪري عوام لاءِ پنهنجي اڻڄاڻائي ۾ اهل علم ڏانهن رجوع ڪرڻ ۽ انهن جي تقليد ڪرڻ شرعاً لازمي آهي.

مقلدين علماء واضح ڪن ٿا ته مطلق تقليد يعني ڪنهن هڪ مجتهد يا فقهي مذهب جي مڪمل پيروي ئي دين ۾ استقامت، امت جي اتحاد ۽ فتوائن جي يڪسانيت جو ذريعو آهي. ان جي مقابلي ۾ جزوي تقليد يا آئمہ اربعہ مان جيڪو وٽي ان جي مذهب جي چونڊ ڪري عمل ڪرڻ، خواهش پرستي ۽ انتشار جو سبب بڻجي ٿو چوته اها طريقيڪار ۾ تضاد پيدا ڪري ٿي.

## قرآني نصوص مان استدلال

1. ﴿وَلَوْ رَدُّوهُ إِلَى الرَّسُولِ وَإِلَىٰ أُولِي الْأَمْرِ مِنْهُمْ لَعَلِمَهُ الَّذِينَ يَسْتَنبِطُونَهُ مِنْهُمْ﴾ (النساء: 83)

"۽ جيڪڏهن اُهي ان (خبر) کي رسول ڏانهن يا پنهنجي حڪمرانن ڏانهن موٽائي ڇڏين ها ته جن کي استنباط ڪرڻ جي صلاحيت آهي، اُهي ان کي ڄاڻي وٺن ها-"



امام فخر الدين رازي تفسير ڪبير ۾ هن آيت هيٺ لکن ٿا،

> «فدلت هذه الآية على أن غير المستنبط يجب عليه أن يرجع إلى المستنبط، وذلك يدل على أن التقليد جائز»

(هي آيت دليل آهي ته جيڪو استنباط جي اهل نہ هجي، ان لاءِ لازم آهي ته اهل استنباط ڏانهن رجوع ڪري، ۽ اهو تقليد جي جواز تي دلالت ڪري ٿو).

استنباط مان اهي احڪام مراد آهن جيڪي صراحت سان نص ۾ موجود نہ هجن، پر مجتهد پنهنجي فهم سان قران ۽ سنت مان ڪڍي ٿو.

مقلدين علماء جي نظر ۾ هي آيت اجتهاد ۽ استنباط جي اصل دليل آهي. «يستنبطونہ» عبارة النص آهي. ڇاڪاڻ ته قرآن ظاهر لفظن ۾ اهل علم کي استنباط جو ذميوار قرار ڏئي ٿو. عوام لاءِ هتي پيغام آهي ته هو اهل علم ڏانهن رجوع ڪن. امام رازي، قرطبي ۽ ابن العربي (قاضي ابوبڪر بن عبد الله المالڪي الاشبيلي) هن آيت ڪريمہ کي اجتهاد جو شرعي بنياد قرار ڏنو آهي.

2. ﴿فَلَوْلَا نَفَرَ مِن كُلِّ فِرْقَةٍ مِّنْهُمْ طَائِفَةٌ لِّيَتَفَقَّهُوا فِي الدِّينِ وَلِيُنذِرُوا قَوْمَهُمْ﴾ (التوبة: 122)

"پوءِ ڇو نہ ٿيو ته هر ٽولي مان هڪ جماعت (سفر تي) نڪري وڃي، ته جيئن اُهي دين ۾ سمجهه حاصل ڪن ۽ واپس اچي پنهنجي قوم کي خبردار ڪن-"

امام ابن ڪثير، تفسير ابن ڪثير ۾ لکيو آهي،

> «هذه الآية أصل عظيم في وجوب التفقه في الدين، وأنه لا يجب على كل الناس أن يخرجوا للجهاد، بل يجب أن تبقى طائفة يتفقهون في الدين لينذروا قومهم»

(هي آيت دين ۾ تفقه جي وجوب ۾ وڏو اصل آهي. سيني ماڻهن تي مجتهد ٿيڻ واجب ناهي، بلڪ هڪ جماعت تفقه ۾ مصروف رهي ته جيئن پنهنجي قوم کي خبر ڏين).

هن آيت موجب هر ماڻهو لاءِ مجتهد ٿيڻ لازمي ناهي، پر ڪجه ماڻهو تفقه حاصل ڪن، ۽ عوام انهن جي پيروي ڪن. هتي هن آيت ڪريمه ۾ وجوبِ ڪفايت ۽ دلالت النص واضح آهي. امام رازي ۽ ابن ڪثير لکن ٿا ته آيت عوام لاءِ تقليد ۽ اهل علم لاءِ اجتهاد جو اصول بيان ڪري ٿي.

3. آيت: ﴿فَاسْأَلُوا أَهْلَ الذِّكْرِ إِن كُنتُمْ لَا تَعْلَمُونَ﴾ (النحل: 43، الأنبياء: 7)

"تنهنڪري جيڪڏهن اوهين نه ڄاڻو ٿا ته علم وارن کان پڇو."

امام النووي (شرح صحيح مسلم ۾ لکن ٿا.

> «وفيه دليل على أن العامي فرضه سؤال العلماء والفتوى عند النوازل، وليس له الاجتهاد»

(هن آيت ۾ دليل آهي ته عامي لاءِ فرض آهي ته هو عالمن کان سوال ڪري ۽ فتويٰ وٺي، ۽ سندس لاءِ اجتهاد جائز ناهي).

امام ابن عبدالبر پنهنجي جامع بيان العلم ۾ لکي ٿو

> «العامي لا مذهب له، ومذهبه مذهب مفتيه»

(عامي جو ڪو مستقل مذهب ناهي، سندس مذهب ان جي مفتي جو مذهب هوندو آهي).

هن آيت ۾ امر «فاسئلوا» وجوب تي دلالت ڪري ٿو يعني عوام لاءِ اهل علم کان سوال ڪرڻ لازمي آهي.

مقلدين علماء جي نظر ۾ هي آيتِ ڪريمه تقليد جي شرعي حيثيت لاءِ بنيادي ۽ قطعي دليل آهي. اصولِ فقه جو قاعدو آهي ته

الأصل في الأمر للوجوب ما لم تصرفه قرينة.



يعني امر جو صيغو اصل ۾ وجوب لاءِ هوندو آهي. تنهنڪري "فاسئلوا" ۾ عوام لاءِ اهلِ علم کان سوال ڪرڻ جو حڪم واجب آهي. هر شخص لاءِ اهو ممڪن ناهي ته هو قرآن ۽ سنت مان سڌو استنباط ڪري، ڇو ته ان لاءِ عربي لغت، ناسخ و منسوخ، اصول فقه ۽ ٻين علوم ۾ مهارت ضروري آهي. ان ڪري قرآن پاڻ عوام کي حڪم ٿو ڏئي ته هو پنهنجي اڻڄاڻائي ۾ "اهل الذكر" ڏانهن رجوع ڪن.

امام نووي (شرح صحيح مسلم) ۽ ابن عبدالبر (جامع بيان العلم) ۾ لکن ٿا ته عوام لاءِ پنهنجي فهم تي هلڻ جائز ناهي، بلڪ اهل علم جي تقليد واجب آهي.

ابن ماجه ۾ حضرت عمرو بن شعيب رضي الله عنه جي هڪڙي روايت ۾ هي لفظ آهن،

فما علمتم منه فقولوا و ما جهلتم فكلوه الي عالمه،

( ان مان جيڪي اوهان ڄاڻندا هجو اهو چئو جنهن جي ڄاڻ نه هجي اهو ان جي علم وارن کان پڇو)

4. آيت: ﴿أَطِيعُوا اللَّهَ وَأَطِيعُوا الرَّسُولَ وَأُولِي الْأَمْرِ مِنكُمْ﴾ (النساء: 59)

"الله جي اطاعت ڪريو رسول جي اطاعت ڪريو ۽ اوهان مان جيڪي حڪم وارا (اولي الامر) آهن، انهن جي به اطاعت ڪريو."

امام طبري پنهنجي تصنيف جامع البيان ۾ لکن ٿا،

> «وأولو الأمر منكم: هم ولاة أموركم من الأمراء والفقهاء»

(اولوا الامر توهان مان اهي آهن جيڪي حڪمران ۽ فقها آهن).

امام الرازي التفسير الكبير ۾ لکن ٿا،

> «والمراد بأولي الأمر العلماء، لأن الله تعالى أمر بطاعتهم مطلقاً، ولو كانوا فساقاً لما جاز ذلك، فثبت أن المراد بهم العلماء»

(اولوا الامر مان مراد علماء آهن، ڇاڪاڻ تہ الله انهن جي اطاعت جو مطلق حڪم ڏنو ۽ جيڪڏهن مراد فساق حڪمران ٿين ها تہ اهو جائز نہ ٿئي ها، تنهنڪري مراد اهل علم آهن).

« اولي الامر » ۾ اهل علم، فقها ۽ قضاة شامل آهن. اطاعت جو حڪم وجوب تي دلالت ڪري ٿو پر شرط اهو آهي تہ سندن حڪم قرآن ۽ سنت جي موافق هجي. امام طبري، ابن ڪثير ۽ رازي جي تفسير موجب امت جي نظم ۽ اتحاد لاءِ اولي الامر جي اطاعت ضروري آهي.

## اجتهاد ۽ تقليد، حاصل خلاصو:

اسلامي شريعت جي عمارت اجتهاد ۽ تقليد جي ٻن مضبوط ٿنڀن تي بيٺل آهي، جتي اجتهاد انهن راسخ علم وارن جو وظيفو آهي جيڪي قرآن، سنت، لغت ۽ اصولِ فقہ جي اٿاهہ سمنڊ مان موتي ڪڍڻ جي صلاحيت رکن ٿا.

ايءُ هڪ غواصن جيئين سمنڊ سوجهيايون،
پيهي منجه پاتار، ماڻڪ ميڙيائون،
آڻي ڏنائون هيرو لعل هٿن سين.

(شاهہ عبد اللطيف ڀٽائي)

قرآني نصوص جهڙوڪ سورة النساء جي آيت "يستنبطونہ" ۽ سورة التوبہ جو حڪم "ليتفقهوا في الدين" ان ڳالهہ تي شاهد آهن تہ امت ۾ هڪ اهڙي گروهہ جو هجڻ واجبِ ڪفايہ آهي جيڪو دين جي باريڪين کي سمجهي عوام جي رهنمائي ڪري سگهي. ٻئي طرف، عام مسلمانن لاءِ "فاسئلوا اهل الذڪر" جو حڪم هڪ شرعي ضرورت ۽ عقلي تقاضا آهي، ڇاڪاڻ تہ هر فرد لاءِ سڌو سنئون نصوص مان احڪام اخذ ڪرڻ ممڪن ناهي. ان ڪري، اڻڄاڻائيءَ جي صورت ۾ اهلِ علم جي پيروي يعني تقليد ئي دين ۾ استقامت ۽ امت جي اتحاد جو واحد ذريعو آهي. هن پوري عمل ۾



"تلفيق" يا خواهش پرستي (مختلف مذهبن مان صرف سولائيون چونڊڻ) کان بچڻ انتهائي لازمي آهي، ڇو تہ اها روش نہ صرف دين کي راند ٻڻائي ٿي پر انساني نفس کي تقويٰ جي بجاءِ راحت پرستي جو عادي ٻڻائي، فقهي نظام ۾ انتشار ۽ تضاد پيدا ڪري ٿي.

حاصل ڪلام تہ اجتهاد عالمن جي ذميواري ۽ تقليد عوام جي سلامتي آهي.

تحرير: شاهنواز فاروقي
ترجمو: ضمير حسين لغاري

# قرآن جي تدريس بابت سيڪيولر

## عناصر جي بي چيني

پاڪستان جي سيڪيولر عناصر کي جڏهن اسلام تي حملو ڪرڻ جو شوق جاڳندو آهي، تڏهن هو اسلام تي سڌا سنوان حملا ڪرڻ جي جرئت تہ نہ ڪندا آهن، ان جي بدران عالمن، مولوين، ملائن ۽ فوجين کي گهٽ وڌ ڳالهائيندا آهن، پر ڳالهہ اها آهي تہ اهو طريقو بہ هاڻ پراڻو ٿي چڪو آهي. هاڻي تہ پاڪستان جا سيڪيولر ۽ لبرل ليکڪ ايڏا بي ڊپا ٿي ويا آهن جو اسلام کي سڌي ريت نشانو بڻائڻ جي همت ڪري رهيا آهن.

جون 2020ع ۾ گورنر پنجاب محمد سرور قرآن مجيد کي پنجاب جي يونيورسٽين جي تعليمي پروگرام جو لازمي حصو بڻائڻ جو فيصلو ڪيو. هن هڪ حڪم نامي ذريعي صوبي جي يونيورسٽين ۾ قرآن مجيد کي ترجمي سان پڙهڻ لازمي قرار ڏنو.

جڏهن گورنر ان ڳالهہ کي قانوني حيثيت ڏئي ڇڏي تہ قرآن کي ترجمي سان پڙهڻ کان سواءِ ڪنهن کي بہ ڊگري نہ ملندي، تہ ملڪ جي سيڪيولر ڪالم نگارن اياز امير، پرويز هود ڀائي، آءِ اي رحمان ۽ غازي صلاح الدين کي اها ڳالهہ ايتري تہ خراب لڳي جو انهن هن فيصلي تي پنهنجي پنهنجي انداز سان ڇوهہ ڇنڊيا. سڀني جيڪي ڪجهہ لکيو تنهن جو تَتُ هي آهي:

جيڪڏهن علامہ اقبال ۽ قائد اعظم پنجاب مان ڊگريون وٺن ها ۽ سندن شاگردي دور ۾ صوبي جو گورنر محمد سرور هجي ها، تہ شايد انهن ٻنهي تي بہ ڊگري حاصل ڪرڻ کان اڳ ساڳوئي شرط لاڳو ڪئي وڃي ها.



جيڪڏهن ائين ٿئي ها تہ شايد شاعرِ مشرق کي تہ ڪا ڏکيائي نہ ٿئي ها، پر قائد اعظم، جن جي سموري تعليم انگريزي ۾ هئي، تنهن کي ڪجهہ نہ ڪجهہ مشڪل ضرور پيش اچي ها.

خوش قسمتيءَ سان علامہ اقبال ڊاڪٽريٽ جي ڊگري جرمني مان ۽ قائد اعظم قانون جي ڊگري برطانيا مان حاصل ڪئي، جتي مٿن اهڙو ڪو شرط نہ مڙهيو ويو.

ڇا جرمني جي ان اداري ڇيو هو تہ علامہ اقبال کي ڊگري تڏهن ملندي جڏهن هو انجيل جا ڪجهہ ورق پڙهي انهن جو مفهوم بيان ڪري سگهندو؟ اهو سڀ ڪجهہ هتي پاڪستان ۾ ئي ٿئي ٿو.

قائد اعظم سموري زندگي ۾ اهڙين بي مقصد ڳالهين جو ڪڏهن بہ سهارو نہ ورتو. سندس سمورين تقريرن ۾ توهان کي اهڙو ڪو فضول نعرو نہ ملندو، پر اڄ پاڪستاني قوم جي زندگي ۾ اهڙي شعبدي بازي ڏسي سگهجي ٿي.

ڊگري حاصل ڪرڻ لاءِ قرآن پڙهائڻ جي پابندي تہ انتها پسند ضياءُ الحق بہ نہ لڳائي هئي. اڄ پاڪستان ۾ ضياءُ الحق طرز جو اسلام مسلط ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، جنهن ۾ نوجوانن کي قرآن پڙهڻ جو لاڙو پيدا ڪيو ويندو. اسلام هڪ رضاڪاراڻو مذهب آهي، پر پنجاب حڪومت هن قانون سازي ذريعي انهن شاگردن کي سزا ڏيندي جيڪي قرآن نہ پڙهندا. اهو قدم 'دين ۾ ڪو جبر ناهي' (لا اکراه في الدين) واري مذهبي اصول جي خلاف آهي.

اوهان ڏٺو تہ انهن ماڻهن پنهنجن ڪالمن ۾ ڪهڙي نموني ڪلي عام قرآني تعليم ۽ تدريس تي نہ رڳو ناپسنديدگي جو اظهار ڪيو بلڪ طنز ۽ توهين واري انداز ۾ ان معاملي تي ٺٺول پڻ ڪئي. هي ماڻهو تاريخي غلط

بيانين وسيلي قائد اعظم ۽ علامہ اقبال جهڙين عظيم شخصيتن بابت بہ بهتان تراشي ۽ ڪوڙ ڪان نہ مُڙيا.

اهي بي دين دانشور اهو تاثر پيدا ڪرڻ چاهين ٿا تہ علامہ اقبال ۽ قائد اعظم جهڙن جديد تعليم يافتہ شخصيتن جو قرآن ۽ قرآني علم سان ڪو واسطو نہ هيو. انهن ماڻهن اقبال ۽ قائد اعظم جو جيڪو تصور پنهنجي ذهن ۾ قائم ڪيو آهي، اهو سندن ذهني پيداوار تہ ٿي سگهي ٿو پر حقيقت ۾ ائين نہ هيو.

اقبال کي قرآن سان عشق هيو ۽ اهو ئي سبب آهي جو سندس شاعري قرآن جي تعليمات سان ٽمٽار شاعري آهي:

وہ زمانے میں معزز تھے مسلماں ہو کر
اور تم خوار ہوئے تارکِ قرآں ہو کر
اُسی قرآں میں ہے اب ترکِ جہاں کی تعلیم
جس نے مومن کو بنایا مہ و پرویں کا امیر
خود بدلتے نہیں ، قرآں کو بدل دیتے ہیں
ہوئے کس درجہ فقیہانِ حرم بے توفیق
قرآن میں ہو غوطہ زن اے مردِ مسلماں
اللہ کرے تجھ کو عطا جدّتِ کردار

اقبال جي خيال ۾ مسلمانن کي عروج تڏهن ئي نصيب ٿيو جڏهن هنن قرآن کي سيني سان لاتو ۽ کين زوال انهي ڪري آيو جڏهن هنن قرآن کي ترڪ ڪيو. اقبال تہ مسلمانن کي چئي رهيو آهي تہ جيڪڏهن توهان کي ڪردار جي سهڻائي ۽ بخت جي بلندي گهرجي تہ قرآن ۾ ٻُڏي فنا ٿي وڃڻ سان ئي اها اڻ لڀ مايا ماڻي سگهجي ٿي. سوال اهو آهي تہ جنهن اقبال کي قرآن سان ايتري محبت هجي، ڇا اهو قرآن نہ پڙهندو هوندو؟



اقبال رحہ پاڻ کي مولانا روم رحہ جو مريد سڏيندو هيو. پاڻ هڪ هنڌ لکيو هئائين تہ مولانا روم علم جو سمنڊ آهي ۽ آئون ان جي ڪناري تي پيل هڪ ڪُوزو آهيان.

اها ڳالهہ ڪير نٿو ڄاڻي تہ مولانا روم رحہ جي شاعري کي فارسي ۾ قرآن مجيد جي تعليمات جو مظهر چيو ويو آهي. جنهن بہ ماڻهو اقبال جي شاعري کي مٿاڇرو بہ پڙهيو آهي، تنهن کي ڄاڻ هوندي تہ اقبال جي سموري شاعري جي لغت مذهبي يا قرآني آهي. انهن حقيقتن جي هوندي بہ هي ماڻهو اهو تاثر ڏيڻ چاهين ٿا تہ اقبال جي سموري دلچسپي جديد مغربي تعليم سان هئي ۽ قرآن سان سندن ڪو واسطو نہ هو.

هر پڙهيل لکيل ماڻهو ڄاڻي ٿو تہ زندگي جي آخري وقت ۾ اقبال جو حال اهڙو ٿي ويو هو جو هو قرآن ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ نہ پڙهندو هو ۽ جڏهن بہ ڪيس ڪو مسئلو در پيش ايندو هو تہ رهنمائي لاءِ قرآن مجيد کڻي ويهندو هو.

ڪجهہ ڪالم نگارن وري اقبال کي تہ ڪجهہ نہ ڪجهہ ’مسلمان‘ مڃي بہ ورتو پر قائد اعظم کي اقبال جي ذري گهٽ ابتڙ ٻڌائي پيش ڪيو آهي. پاڪستان جي سيڪيولر ۽ لبرل عناصر جو خمير ناقص معلومات، جهالت، اسلام دشمني ۽ انهن ئي شين تي فخر مان ڪنيو ويو آهي، تنهنڪري قائد اعظم جي حوالي سان هي اڻ ڄاڻائي ۽ اوندهہ جي ور چڙهيل آهن.

اها ڳالهہ تاريخي شاهدين سان ثابت آهي تہ قائد اعظم وڏي تسلسل سان قرآن جو انگريزي ترجمو پڙهندا هئا. قرآن سان سندن گهري تعلق کي ثابت ڪرڻ لاءِ مذهبي اسڪالرن جون شاهديون بہ پيش ڪري سگهجن ٿيون، پر بهتر آهي تہ ان سلسلي ۾ برطانوي تحقيق دان سلينا ڪريم ڏانهن

رجوع ڪيو وڃي، جنهن قائد اعظم تي هڪ وڏو ڪتاب *Secular Jinnah And Pakistan* تحرير ڪيو آهي.

هن ڪتاب جي چوڏهن مان هڪڙي باب جو عنوان آهي The Quran and Jinnah's Speeches يعني قرآن ۽ جناح جون تقريرون، جنهن ۾ سلينا ڪريم صاحبہ ستن موضوعن تي قائد اعظم جي تقريرن جا حصا پيش ڪيا آهن، ۽ پوءِ اهي قرآني آيتون پڻ ٻڌايون آهن، جن کي بنياد بڻائي قائد اعظم اهي بيان ڏنا آهن.

باب جي پڇاڙي تي سلينا ڪريم ان نتيجي تي پهچي ٿي تہ ”اهي مثال اهو ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن تہ جناح ڪهڙي پرجوش انداز سان قرآني اصولن جي لفظي ۽ معنوي لحاظ کان پاسداري ڪندا هئا. پاڻ خاص طور قرآن جي توحيد واري اصول مطابق زندگي گذاريندا هئا.“

اياز امير لکيو تہ مغرب جي جن يونيورسٽين مان اقبال ۽ قائد اعظم پڙهي نڪتا، جيڪڏهن انهن ۾ شاگردن کي انجيل پڙهڻ لاءِ چيو وڃي ها تہ ان ڳالهہ جو مذاق اڏايو وڃي ها.

ٿورو غور ڪيو اهو عمل مغرب جي بي خدا، لامذهب، رسالت ۽ وحي کان بيزار سماج ۾ تہ ممڪن آهي، پر ڇا پاڪستاني معاشرو بہ خدا جو انڪار ڪندي سندس ذات جي ذڪر لاءِ تمسخر ۽ تحقير وارو رستو اختيار ڪندو؟ ڇا پاڪستاني سماج مذهب کان لاتعلق ۽ رسالت توڙي وحي جو منڪر بڻجي چڪو آهي؟ ظاهر آهي تہ ائين ناهي.

آخرڪار پوءِ اخبارن ۾ ٽي وي جا اهي سيڪيولر ۽ لبرل عناصر پنجاب جي يونيورسٽين ۾ قرآني تعليم جو مذاق ڇو اڏائي رهيا آهن؟ سندن اذيت ۽ تڪليف جو ڪارڻ ڪهڙو آهي؟ ڇا هن فيصلي ذريعي ويٽيڪن سٽي ۾ اسلام نافذ ڪيو ويو آهي؟ ڇا اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي تعليمي ادارن ۾ قرآن بدران بائيبل ۽ گيتا پڙهائڻ سان کين سڪون ملندو؟



ڪيڏي نہ عجيب ڳالهہ آهي تہ پاڪستان جو سيڪيولر طبقو سيڪيولر ۽ لبرل تعليم کي ’جزا‘ ۽ قرآن جي تعليم کي ’سزا‘ سمجهي ٿو، پوءِ پنهنجي اونڌي عقل جي آڌار تي قرآني آيت ’دين ۾ ڪو جبر ناهي‘ کي پنهنجي مقصد لاءِ استعمال ڪري رهيو آهي.

حالانڪہ هن آيت جو تعلق ان ڳالهہ سان آهي تہ ڪنهن غير مسلم کي زوري مسلمان نٿو بڻائي سگهجي، جڏهن تہ اسلامي رياست ۾ قرآن ۽ سنت جي تعليم جو نظام قائم ڪرڻ ’جبر‘ نہ پر عين رحمت آهي.

پاڪستان ۾ اهي عناصر کلي عام قرآن ۽ سنت خلاف صف آرا آهن، پر نہ رياست کي ان ڳالهہ جي اون آهي، ۽ نہ عالمن ان معاملي جي نقصان ۽ نتيجن تي غور ڪيو آهي.

محمد موسيٰ ڀٽو
عبدالغني دايو



# نفس جي سڌاري جو طريقو

## ۽ زندگيءَ جو دستور العمل

قرآن مجيد ۾ آهي تہ وفي انفسكم افلاتبصرون. (توهان جي نفس ۾ منهنجون نشانيون آهن). بس توهان ڏسو ڇو نہ ٿا اهڙيءَ ريت هڪ ٻي آيت آهي تہ: سنريهم آياتنا في الآفاق وفي انفسهم حتي يتبين لهم انه الحق (اسان سنت ئي توهان کي توهان جي وجود ۾ ۽ ٻاهرين دنيا ۾ پنهنجون نشانيون ڏيکاريندا سي (معنيٰ تہ نفسيات، طبعيات ۽ حياتيات جي ذريعي حقيقتون توهان کي ڏيکاريندا سي) جو توهان تي ثابت ٿي ويندو تہ هي قرآن الله جو سچو ڪتاب آهي).

قرآن شريف ۾ اهڙيون ڪيئي آيتون آهن جن مان ڄاڻ ملي ٿي تہ نفسيات، طبعيات ۽ حياتيات جي دنيا ۾ اهڙا انڪشاف ٿيندا جو الله جي وحدانيت جي ڪلي شاهدي ڏيندا. انهن شعبن ۾ اهڙيون اڻ ڳڻيون نشانيون ظاهر ٿينديون جيڪي الله تائين پهچ جو ذريعو ثابت ٿينديون ۽ نئين نئين تحقيقن جو حاصل توحيد واري عقيدي جي مضبوطي ۽ الله جي عظمت جي شاهدي ۽ الله جي خالقيت ۽ ربوبيت جون چٽيون نشانيون هونديون، تنهن ڪري انفس ۽ آفاق جي انهن ثابت ٿيل حقيقتن سان حق کان ڀڄڻ جا سڀ رستا بند ٿي ويندا. اهو دور انشاء الله سگهو ئي اچڻ وارو آهي.

**انساني نفسيات جي حوالي سان فرائيڊ جي تحقيق:**

مشهور نفسياتي ماهر سگمڊ فرائڊ جيڪا انساني نفسيات جي حوالي سان تحقيق ڪئي آهي، هو پنهنجي انهيءَ تحقيق ۾ انهيءَ ڳالهہ تي تمام



گهڻو اچرج ۾ آهي تہ هر انساني نفس پيدا ٿيڻ کان وٺي مرڻ گهڙيءَ تائين جيڪي ڪجهہ فعل ۽ عمل سرانجام ڏئي ٿو پوءِ/ هي عمل /ڪم ننڍا هجن يا وڏا سي سيئي انساني نفس ۾ نقش ٿي وڃن ٿا اهي بلڪل نہ ٿا ڊهن، ڀلي ماڻهو کي ڪجهہ ياد هجي يا نہ هجي پر اهي عمل / ڪم محفوظ ضرور آهن، فرائڊ ماهرن کي نينڊ ڏي ٿو تہ انسان ۾ موجود انهيءَ اچرج جوڳي قوتن جي باري ۾ هو وڌيڪ تحقيق ڪن ۽ انهن رازن تان پردو کڻن.

فرائڊ جي تحقيق جو اهو پاسو قرآن مجيد جي انهن آيتن جي صداقت جو اظهار آهي جن ۾ فرمايو ويو آهي تہ وكل انسان الزمناه طائره في عنقه (هر انسان جي عملن کي اسان سندس ڳچيءَ ۾ لڙڪائي ڇڏيو آهي).

مال هذا الكتاب لا يغادر صغيرة ولا كبيرة الا احصاها ووجدو ما عملو حاضرا (الڪهف آيت 69) (هيءَ عجيب لکت آهي جنهن هر عمل ننڍو هجي يا وڏو سڀ ڪجهہ لکيل آهي ۽ هنن جيڪي عمل ڪيا هوندا سي سيئي انهيءَ ۾ لکيل ڏسندا).

فمن يعمل مثقال ذرة خيره يره ومنا مثقال ذرة شرا يره (الزلزال) (جيڪو ماڻهو ذرو بہ نيڪي ڪندو اها ڏسي وٺندو جيڪو ماڻهو ذرو بہ برائي ڪندو سا ڏسي وٺندو).

**قرآني آيتن تي فڪر ڪرڻ / ويچار ڪرڻ جي گهرج آهي:**

دنيا ۾ گهڻو ڌيان ڏيڻ قلب/ دل تي دنيا جي هيبت ويهجي وڃڻ، آخرت جي ڀيٽ ۾ دنيا کي ترجيح ڏيڻ، دنيا جي سامان جي کوٽ کي ايترو محسوس ڪرڻ جو انهيءَ ڪري دل جي دنيا درهم برهم ٿي وڃي زندگيءَ جو معيار مٿانهون ڪرڻ لاءِ رشوت، ملاوت، ذخيره اندوزي ۽ ٻيا طريقا ڪم آڻڻ، دوستن، مٽن مائٽن وانگر مٿانهين مادي سطح تي پهچڻ لاءِ حسرت ڪرڻ ۽ انهيءَ ڪم لاءِ پنهنجون هڙئي توانائيون ڪم آڻڻ، اهو سڀ ڪجهہ دنيا جي محبت جو نتيجو آهي جنهن سان سماج ماده پرستيءَ جي

ٻڪ ٻوڙ شروع ٿي وڃي ٿي. ۽ طرح طرح جون اخلاقي بيماريون. فساد ، سماجي خرابيون پيدا ٿين ۽ وڌن ويجهن ٿيون. اهو آخرت واري زندگيءَ انهيءَ جي محاسبي کان بي نيازي ۽ بي فڪريءَ جو نتيجو آهي. انهيءَ جو اثرائتو علاج قرآن مجيد جي انهن آيتن تي فڪر ڪرڻ ڌيان ڏيڻ. مراقبو ڪرڻ جن آيتن ۾ دنيا پرستيءَ جي نتيجن کي آخرت ۾ ڀيجاري ڇڏڻ واري صورت ۾ بيان ڪيو ويو آهي جيڪڏهن هر ڏهاڙي ٿورڙو به وقت ڪڍي انهن آيتن تي ڌيان ڏجي. سوچ ويچار ڪجي. ڪو فڪر ڪجي ته انشاء الله تعاليٰ ڪجهه وقت جي فڪر ۽ ويچار ۽ مراقبي سان دل مان دنيا جي هيبت نڪرڻ شروع ٿي ويندي ۽ آخرت جي تياريءَ جو فڪر وڌندو ويندو .

هي ڪجهه آيتون آهن جن تي ڌيان ڌرڻ جي گهرج آهي .

والذين لم يستجيبو له ان لهم ما في الارض جميعا ومثله معه لافتدوا به. (الرعد – آيت 18)

(۽ جن الله جي (حڪم کي) نه مڃيو. جيڪڏهن سڄي ڌرتيءَ جا خزانا سندن وس ۾ هجن. اهي هڙئي ۽ انهن سان گڏ ايترا ٻيا به (ڇوٽڪاري) لاءِ بدلي ۾ خرچ ڪن پر ڇوٽڪارو ڪٿي).

يود المجرم لو يفتدي من عذاب يومئذ ببنيه وصاحبته واخيه وفصيلته التي تويه ومن في الارض جميعا ثم تنجيه كلا انها لظيٰ نزاعته للشويٰ . (المعارج)

(انهيءَ ڏينهن جي عذاب کان بچڻ گناهه گار تمنا ڪندو ته اي ڪاش هن عذاب جي بدلي ۾ پنهنجي پٽ. پنهنجي زال. پنهنجو ڀاءُ. پنهنجو خاندان جنهن ۾ هو رهندو هيو ۽ جيترا ماڻهو زمين ۾ آهن سڀ ڪجهه ڏئي ڇڏي. پر ايئن ڇوڪارو نه ٿيندو. بيشڪ کل اکيڙيندڙ عذاب وڌندو ويندو).



يومئذ يود الذين كفروا وعصوا الرسول لوتسويٰ بهم الارض. (النساء)

(انهيءَ ڏهاڙي ڪافر ۽ رسول جي نافرماني ڪرڻ وارا تمنا ڪندا ته جيڪر کين زمين ۾ پوري مٽي برابر ڪئي وڃي).

**امام رازي سان شيطان جي ڳالهه ٻولهه:**

مشهور مفسر امام رازي بابت اچي ٿو ته هن هڪ بزرگ جي هٿ تي بيعت ڪئي ۽ سندس ٻڌايل ذڪر شروع ڪيو جيئن ته شروع ۾ نئين سالڪ/ مبتديءَ کي ذڪر جي غلبي جي ڪري ٻين علمن وسارڻ جو گمان ٿيڻ لڳو حقيقت ۾ ائين هوندو نه آهي پر ماڻهو کي ايئن ئي لڳندو آهي تنهن ڪري امام صاحب انهيءَ بابت بزرگ سان ڳالهه ڪئي تنهن تي بزرگ وراڻيو ته ائين نه ٿيندو. ڪجھ عرصي کانپوءِ ذڪر جي نور سان علمن ۾ پڻ برڪت ٿيندي. هاڻي توهان جيڪو مناسب سمجهيو. ذڪر ڪندا رهو يا علم جي خدمت وارو ڪم ڪيو امام صاحب چيو ته مون کي علم جي خدمت ڪرڻي آهي. تنهن ڪري امام صاحب علمي ڪمن ۾ رُجهي ويو.

بزرگ جي جيئري ئي امام صاحب گهڻو بيمار ٿي پيو سڪرات واري حالت طاري رهي. اهڙي حالت ۾ شيطان اچي امام صاحب کان الله پاڪ جي وجود بابت دليل گهريو ته امام صاحب ڪو دليل ڏنو. پر شيطان انهيءَ دليل جو ٽوڙ ڪيو اهڙي ريت هو دليل ڏيندو رهيو پر شيطان هر دليل رد ڪندو رهيو. امام صاحب جي انهيءَ حالت جي جاڻ سندس انهيءَ مرشد کي ڪشف (مومنانه فراست) ذريعي حاصل ٿي. انهيءَ وقت بزرگ وضو ڪري رهيو هيو. پاڻ زور سان وضو جي پاڻيءَ وارو لوٽو اڇليندي چيو ته رازي! تون شيطان کي چو نه ٿو چوين ته مان الله کي بنا دليل جي مڃيو آهي. منهنجي توحيد دليلن جي محتاج نه آهي. مرشد جو اهو آواز امام صاحب تائين پهچي ويو ۽ هن اها ئي ڳالهه شيطان چئي (ته شيطان ڀڄي ويو) ۽ انهيءَ کانپوءِ امام صاحب جي وفات ٿي.

هتي ڪشف بابت اها ڳالهه ڪرڻ ضروري آهي ته مواصلاتي لهرن جو هڪ نظام خود شعوري معنيٰ انسان جي اصل شخصيت روح ۾ پڻ موجود آهي. جن ماڻهن جون روحاني طاقتون سگهاريون هونديون آهن تن ۾ پنهنجي روح جي سگهه جي ذريعي ٻين ۾ پنهنجا خيال منتقل ڪرڻ جي صلاحيت پيدا ٿي ويندي آهي.

**دعويٰ ڪرڻ سان (پيدا) ٿيندڙ محروميون:**

دعويٰ ڪرڻ سان گهڻين ئي شين کان محرومي ٿئي ٿي هڪ اها ته نفس جي معرفت حاصل نه ٿي ٿئي، جنهن ڪري پنهنجي نفسيات ۽ ٻين جي نفسيات مان ڪو فائدو نٿو پرائي سگهجي. ٻي شيءِ اها ته علم مان برڪت فڪري وڃي ٿي ٽين شيءِ اها آهي ته پنهنجي بزرگن جي نفس جي معرفت ۽ رب تعاليٰ جي معرفت وارن علم مان فائدو پرائڻ واري صلاحيت متاثر ٿئي ٿي، محروميت واري چوٿين شيءِ اها آهي ته دل جي وڏي دنيا ۽ انهيءَ جي اخذ ۽ فيض پرائڻ واري صلاحيت واري چاڻ گهٽجي وڃي ٿي، پنجين شيءِ اها هلي وڃي ٿي ته سهڻا اخلاق حاصل ٿيڻ ڏکيو ڪم ٿي پوي ٿو. دعويٰ ظاهر ۾ ته هڪ بيماري آهي پر اصل ۾ گهڻين ئي بيمارين جي جڙ آهي.

**علمن جي ماهرن جو قرآن آڏو گوڏا کوڙڻ تي مجبور ٿيڻ:**

قرآن مجيد اهڙو ڪتاب آهي جيڪو قيامت تائين ايندڙ انسانن جي رهنمائي ڪندو رهندو ۽ انهيءَ ۾ غور ۽ فڪر ڪرڻ سان طبعي ۽ حياتياتي دنيا ۽ ڪائنات جي باري ۾ اهڙي معلومات حاصل ٿيندي رهندي جيڪا عقل وارن لاءِ اچرج جو ڪارڻ بڻبي ۽ انهن لاءِ قرآن آڏو گوڏا کوڙڻ کانسواءِ ٻيو ڪو چارو نه رهندو. قرآن مجيد ۾ ايمانيات، احڪامات ۽ فرض موجود آهن جن جي تشريح طبعي دنيا ۽ تاريخي حقيقت جي روشنيءَ ۾ هر دور ۾ نئي نئين ٿيندي رهندي، جيڪو ڪتاب قيامت تائين انسانن جي رهنمائيءَ هجي تنهنجي بڻيادي تعليم ته پڪ سان اها ئي هوندي جنهن جي



چٽائي سلف صالحين اڳيان بزرگ ڪري ويا آهن، تنهن ڪري دين جي نصب العيني معاملن جو تعين ۽ فرصت ۾ واجبن جي اها ئي چٽائي/ تشريح صحيح هوندي جيڪا امت جا مجدد، ۽ رباني عالم ڪري چڪا آهن، پر طبعيات، حياتيات ۽ نفسيات سان واڳيل سوين قرآني آيتن جي تشريح جي سلسلي ۾ هر دور جي علمن ۽ وقت جي مجيل ڳالهين مان فائدو وٺڻو پوندو ۽ اهڙن معاملن ۾ قرآني آيتن جي نئين چٽائي/ تشريح اهم گهرج آهي جنهن سان نيون نيون قرآني حقيقتون آڏو اينديون رهنديون، پر انهن آيتن جي تعبير ۽ تشريح ۾ لغت جي نصاب کي آڏو رکڻو پوندو.

قرآن مجيد جي اهڙين آيتن تي غور ۽ فڪر / سوچ ويچار ڪرڻ جي ذريعي قرآن جي آفاقيتۍ همه گيريت جون جيڪي حقيقتون آڏو اينديون سي حياتيات طبعيات ۽ نفسيات جي ماهرن کي قرآن مجيد آڏو گوڏا کوڙڻ تي مجبور ڪنديون.

**جديد نقش ونگار سان اسلام کي پهچندڙ نقصان:**

حضرت مولانا سيد سليمان ندوي جي هيءَ وصيت گهڻي اهم آهي علم وارن کي سدائين ياد رکڻ گهرجي. پاڻ چوي ٿو ته قديم جوهرن جي بقا سان گڏ جديد نقش ۽ نگار کان پرهيز ناهي پر جيڪڏهن اهو نئون سينگار قديم جو هر کي نقصان پهچائي ته انهيءَ سينگار کان سادو رهڻ ئي ڀلو آهي. اها ئي منهنجي وصيت آهي ۽ اهائي زندگيءَ جي آخري فرمائش آهي سلف صالحين/ اڳوڻن بزرگن جي واٽ کان ذرو به نه ٽڙجي مولانا صاحب اها وصيت پنهنجي خليفي ڊاڪٽر غلام محمد کي فرمائي هئي. انهيءَ جو مطلب اهو آهي ته جيڪڏهن قرآن ۽ سنت جي نئين تشريح ۾ جديد حقيقتن ۽ جديد طريقي/ اسلوب سان گڏ دين جا مقصد هدف، ۽ دين جي ترتيب ئي متجي وڃي ته پوءِ اهڙي جديد انداز/ اسلوب واري ديني تشريح کان پراڻي اسلوب ۾ اڳوڻن بزرگن/ سلف جي ديني تشريح ئي افضل / تمام ڀلي آهي.

**سيني کي فنا سان ڀري ڇڏڻ وارو الله جو واعدو:**

ترمذي شريف جي هڪ حديث شريف آهي ته نبي پاڪ ﷺ جن فرمايو ته الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته اي آدم جي اولاد تون منهنجي عبادت لاءِ واندو ٿي وڃ ته مان تنهنجي سيني کي غنا سان ڀري ڇڏيندس ۽ تنهنجي محتاجي ختم ڪري ڇڏيندس جيڪڏهن تون ايئن نه ڪيو ته پوءِ تنهنجي ٻنهي هٿن کي مشغلن، مصروفيات ۽ تعلقات سان ڀري ڇڏيندس ۽ تنهنجي محتاجيءَ کي ايترو ته وڌائيندس جو اها ختم ئي نه ٿيندي.



# اسلام جي بنيادي تعليمات

## آزاد خيال فردن جي غور فڪر لاءِ

1. اخلاص: نيت جي پاڪيزگي، جنهنجي ذريعي الله جي مدد حاصل ٿيندي آهي.

ايتري وسيع اهليت ۽ قابليت جي باوجود ان کي گهرجي ته هن ڪم کي انتهائي احتياط، عقل سليم ۽ درست فيصلي، دور انديشي ۽ ان ٻوليءَ جي مڪمل علم سان گڏ شروع ڪري جنهن ۾ اهو تفسير لکڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. تفسير جي غير مستند ڪم جي ذريعي نادانسته طور تي گهڻن ماڻهن کي گمراهه ڪندي صرف ڪجهه ماڻهن جي رهنمائي جي ڪوشش ڪرڻ باعث هلاڪت ۽ ناقابل قبول آهي. جيڪو ٻه انهن بنيادي شرطن کي پورو ڪانسواءِ تفسير ڪرڻ جي ضد ۾ هجي ته اهو قرآن ۽ اسلام جي خدمت ۾ بالڪل ٻه سنجيده نه آهي ۽ اهو الله ۽ ان جي نبي ﷺ جي احڪام جي خلاف ورزي ڪري رهيو آهي. تنهنڪري، قرآن ڪريم جو ترجمو/ تفسير/ تشريح جي مطالعي جي لاءِ انتخاب ڪرڻ کان پهريان ان جي مصنف جي اهليت ۽ قابليت جي تصديق ضروري آهي، ۽ ڪنهن تفسير کي صرف انهيءَ لاءِ قبول نه ڪرڻ گهرجي ته اهو وسيع پيماني تي دستياب آهي ...يا... عام طور تي ان جو حوالو ڏنو ويندو آهي ...يا... اهو بلا معاوضه حاصل ڪري سگهجي ٿي.

قرآن ڪريم الله جو ڪلام آهي ۽ حضرت محمد ﷺ قرآن ڪريم جي پيغام جا ڪامل عڪس جميل آهن. جيئن ته، نبي ڪريم ﷺ جي سنت (اقوال و افعال) اسلامي علم جو ٻيو اهم ذريعو آهي.

**رسول ڪريم ﷺ جي سنت:**

نبي ڪريم ﷺ جي جمع ڪيل اقوال و افعال ۽ پاڻ سڳورن جي ضابطہ عمل کي انهن جي سنت چيو ويندو آهي ۽ مسلمانن تي لازم آهي تہ اهي ان تي عمل ڪن. سنت کي قرآني آيتن ۽ الله جي پيغام ۽ هدايت جي تشريح جي لاءِ بہ استعمال ڪيو ويندو آهي. پاڻ ﷺ جيڪو ڪجھ بہ چيو ...يا... ڪيو اها انهن جي حديث چورائي ٿي. (جمع: احاديث) وڌيڪ هي تہ پاڻ سڳورن جي صحابہ جيڪو ڪجھ بہ ڪيو، انجام ڏنو، جنهن کي نبي ڪريم ﷺ ملاحظہ فرمايو ...يا... ان جي باري ۾ اوهان کي مطلع ڪيو ويو ۽ پاڻ سڳورن ان کي مسترد ...يا... ان تي اعتراض نہ ڪيو، اهو بہ پاڻ ﷺ جي سنت ۾ شامل آهي.

قرآن ڪريم جي نزول جي دوران مسلمانن جو عام طريقو هي هيو تہ ان کي حفظ ڪيو ويندو هو. ان جي باوجود گهڻن صحابن کي ان کي تحريري شڪل ۾ نقل ڪرڻ جي لاءِ مقرر ڪيو ويو هو ابتدائي ڏينهن ۾ نبي ڪريم ﷺ پنهنجي ڳالھ (احاديث) لکڻ کان منع فرمايو سواءِ قرآن ڪريم جي آيتن جي. بعد ۾ جڏهن صحابہ ڪرام قرآني آيتن ۽ احاديث جي وچ ۾ فرق کي مڪمل طور تي قائم ڪيو ۽ سمجهي ويا تہ نبي ڪريم ﷺ احاديث کي قرآن کان الڳ لکڻ جي اجازت بہ فرمائي ڇڏي.

هن مقام تي مون کي موضوع کان هٽڻ ۽ هن ڳالھ جي نشاندهي ڪرڻ ڏيو تہ قرآن ڪريم الله جو ڪلام آهي. جيڪڏهن هي الله جو ڪلام نہ هجي ها ۽ پاڻ حضرت محمد ﷺ ان کي جمع ڪري ها تہ پوءِ قرآن ۽ حديث ۾ فرق جو ضروري هو؟ جيڪڏهن ٻئي ماخذ هڪ ئي سرچشمي کان وجود ۾ اچي رهيا هئا، هڪ ئي شخص جي تعليمات تي مشتمل هئا ۽ اصحاب رسول جي طرف کان غير مشروط طور تي قبول ڪيو بہ وڃي رهيو هو، تہ پوءِ هي فرق ۽ امتياز غير ضروري هو. قرآن کان احاديث جي عليحدگي واضح طور تي ظاهر ڪري ٿي تہ قرآن الله جو ڪلام آهي، جيئن تہ حضرت محمد ﷺ تي فرشتہ جبرئيل امين جي ذريعي نازل ٿيو ۽ هي تہ قرآن حضرت محمد ﷺ نہ لکيو.



هي چڱي طرح کان ريڪارڊ شده تاريخ آهي ۽ مستند شاهدن کان مويد ۽ معتبر ذريعن کان معلوم آهي تہ ڪجھ صحابہ نبي ڪريم ﷺ جي زندگي ۾ پاڻ سڳورن جي اجازت سان حديثن کي قرآن ڪريم کان الڳ مسلسل لکي ڇڏيندا هئا. امت مسلمہ ارتقاءِ کان وجود ۾ اچي رهي هئي انهيءَ لاءِ نبي ڪريم ﷺ جي ويجهو هرشخص پنهنجو پاڻ کي ضروري ڪمن ۾ مصروف رکندو هو. نبي ڪريم ﷺ جن جي وفات کان پوءِ مشرق کان مغرب تائين نئي ملت اسلاميہ جي ظهور تقريبا هر صحابي کي حڪومتي امور، اسلام جي تعليم و تبليغ ۽ اسلام جي دفاع جون ذمہ دارين سان متعلق مسئلن کي حل ڪرڻ جهڙين سرگرمين ۾ مصروف ڪري ڇڏيو هو. انهن حالتن ۾ صرف قرآن مجيد کي هڪ جلد ۾ جمع ڪري سگهيو هو ۽ ان وقت تائين احاديث کي مجموعي طور تي مرتب ڪرڻ جي ڪا خاص ضرورت نہ هئي. جيئن جيئن وقت اڳتي وڌندو ويو ۽ ڪوڙيون احاديث جي اشتهار بازي جي وجہ سان، نبي ڪريم ﷺ جي صحابہ ۽ انهن کان پوءِ هدايت يافتہ علماءِ حق احاديث کي مختلف احڪامات ۽ مختلف ترتيب ۾ مرتب ڪرڻ شروع ڪيو. انهن روايتن جي سند ۽ صحت جي تصديق ۽ راوين جي ثقاهت ۽ اعتماد کي قائم ڪرڻ ۽ پرکڻ جي لاءِ سخت طريقا تيار ڪيا، تہ جيئن ڪوڙن قولن کي محفوظ ڪرڻ کان بچايو وڃي. اهڙي طرح جي معيار ۽ ٻين سخت طريقہ ڪار اطلاق سان گڏ علماءِ ڪرام جي انفرادي، اجتماعي، رسمي ۽ غير رسمي طور تي احاديث جو خزانو مرتب ڪيو. علم جو هڪ نئون شعبو ۽ ان جي متعلق ڪيترا ئي ذيلي شعبہ جات ارتقائي مرحلا طي ڪندا رهيا، جنهن ۾ وڏي پيماني تي هزارين محققين، اسلام جي پهرين صدي جي آخري حصي کان مصروف ڪار ٿي ويا ۽ ان ڪم کي مڪمل ترتيب و تڪميل تائين جاري رکيو.

هي موضوع پاڻ هڪ مستقل ڪتاب جو تقاضو ڪري ٿو تہ جيئن ان جي مڪمل وضاحت ڪري سگهجي. هتي بس اهو چوڻ ڪافي آهي تہ صحابہ ڪرام ۽ ان کان پوءِ علماءِ جي وسيع ڪوشش جي نتيجي ۾ مستند احاديث جو هڪ تمام وڏو خزانو مرتب ۽ شائع ٿيو. هاڻي جيڪو بہ فرد اسلامي علم ۾ دلچسپي رکندو آهي اهو احاديث جي ان خزاني

جي طرف رجوع ڪري سگهي ٿو ۽ ان ۾ موجود هر شيءِ کي ڄاڻي سگهي ٿو. قرآن ڪريم جي وڌيڪ آيتن کي هاڻي نبي ڪريم ﷺ جي متعلق احاديث جي ذريعي سمجهي سگهجي ٿو. انهن ڪوشش جي وجهِ سان احاديث تي تمام عظيم ڪم دستياب ٿي ويا. جن ۾ هر حديث کي متعلقه زمرن / مضمونن ۾ رکيو ويو.

احاديث جي مشهور ڪتابن کي ”صحاح سته“ (ڇهه مستند ڪتاب) چيو ويندو آهي، جنهن ۾ صحيح بخاري، صحيح مسلم، سنن نسائي، ابو داوده جامع ترمذي ۽ سنن ابن ماجه شامل آهن. ان جو عربي کان سمورين وڏين ٻولين ۾ ترجمو ڪيو ويو آهي، ۽ ان جي شروحات سڄي دنيا ۾ دستياب آهن. حضرت محمد ﷺ کان سواءِ ڪنهن ٻئي شخصيت جا احوال ۽ سرگزشت ايتري تفصيل سان بيان ناهي ڪئي وئي. پاڻ سڳورن جو هر عمل ۽ هر قول چڱي طرح محفوظ آهي. پاڻ جي سڳورن احاديث اسلامي علم جو ٻيو بنيادي ماخذ ۽ سرچشمه آهن.

ان کان فوراً بعد اچڻ وارن ساٿين ۽ علماءِ دين نه صرف احاديث کي پنهنجي مستند ترين نسخن ۾ منتقل ڪيو، بلڪ انهن ان جون تشريحات به ڪيون ۽ ان جا تاريخي سياق و سباق به متعين ڪري ڇڏيا، يعني اهو موقع، حالات ۽ مقصد ڇا هئا جڏهن نبي ڪريم ﷺ جن هي فرمايو ...يا... ڪو عمل ڪيو. احاديث جون گهڻيون ڪتابون پنهنجي شروحات سان گڏ ۽ ان کي وڌيڪ واضح ڪرڻ جي لاءِ انهن شروحات جي شروحات سان گڏ، اسلامي علم ۾ اضافي جي لاءِ لکيو ويون آهن.

الله مسلمانن تي هي لازم ڪيو آهي ته اهي قرآن پاڪ جي تعليمات جي علاوه پيغمبر اسلام ﷺ جي سنتن (اقوال ۽ افعال) تي به عمل ڪن. الله ارشاد فرمائي ٿو.

وَ اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَ الرَّسُوْلَ لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ۔ (قرآن مجيد، 3:132)

۽ فرمانبرداري ڪيو الله ۽ رسول جي ته جيئن توهان تي رحم ڪيو وڃي.

........الله وڌيڪ فرمائي ٿو:

لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِيْ رَسُوْلِ اللّٰهِ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ لِّمَنْ كَانَ يَرْجُوا اللّٰهَ وَ الْيَوْمَ الْاٰخِرَ وَ ذَكَرَ اللّٰهَ كَثِيْرًا۔ (قرآن مجيد، 33:21)



يقينا توهان جي لاءِ الله جي رسول ۾ سٺو نمونو آهي انهيءَ لاءِ جيڪي اميدوار هجي الله سان ملاقات جو ۽ آخرت جي ڏينهن کي ياد ڪندو رهيو الله کي گهڻو.

جيئن ته پهريان بيان ڪيو ويو آهي ته حضرت محمد ﷺ جي سنت اسلامي علم جي بنيادي سرچشمن مان ٻيو آهي. جيڪڏهن اسان قرآن مان ڪنهن شيءِ کي متعين ڪرڻ ڳولڻ ...يا... سمجهڻ کان قاصر آهيون ته اسان کي لازمي سنت نبوي ﷺ جي طرف رجوع ڪرڻو پوندو. مثال جي طور تي قرآن ڪريم مسلمانن تي فرض ڪري ٿو ته اهي پنج وقته نماز قائم ڪن، پر هي وضاحت نه ٿو ڪري ته ان کي ڪيئن قائم ڪريون. هي صرف سنت ۾ آهي جتان کان مسلمان نماز پڙهڻ جو طريقو معلوم ڪري سگهندا آهن. اسان سنت ۾ لهون ٿا ته پنهنجي مذهبي فرضن کي صحيح ۽ عملي طور تي ڪيئن انجام ڏنو وڃي. هڪ حديث جي مطابق:

”حضرت ابن عباس رَضِي الله تَعاليٰ عَنهُمَا بيان ڪيو ته نبي ڪريم ﷺ پنهنجي آخري خطبي ۾ ارشاد فرمايو...... مان توهان جي وچ ۾ ٻه شيون ڇڏيان ٿو، جيستائين توهان انهن کي مضبوطي سان پڪڙيندو گمراه نه ٿيندو، هڪ الله جي ڪتاب (قرآن) آهي ٻئي الله جي نبي جي سنت آهي.“ (المستدرڪ)

انهيءَ لاءِ مسلمانن جي لاءِ سنت / احاديث جي اهميت واضح آهي. ان ۾ موجود علم، قرآن پاڪ کي سمجهڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ جي لاءِ ضروري آهي. سنت کي ترڪ ڪرڻ سان اسلام جي تفهيم نامڪمل رهجي ويندي ۽ ان جي نتيجي ۾ قرآن ڪريم جي غلط تفسير ٿي ويندي ۽ ان کي غلط سمجهيو ويندو.

جليل القدر صحابي حضرت معاذ رضي الله تَعاليٰ عَنهُ کي يمن جي غريبن ۾ زڪات و خيرات جي تقسيم جو معاملو حل ڪرڻ جي لاءِ موڪلڻ وقت نبي ڪريم ﷺ جن اُن کان پڇيو: اي معاذ! تون ڪنهن اصول جي مطابق عمل ڪندي؟ صحابي جواب ڏنو، قرآن جي اصول جي مطابق، نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو: جيڪڏهن توکي ان ۾ نه ملي ته؟ انهن جواب ڏنو، پوءِ مان سنت نبوي جي مطابق عمل ڪندس. نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو: جيڪڏهن تون کي اتي به نه ملي؟ جنهن تي انهن جواب ڏنو، پوءِ مان اجتهاد ڪندس ۽ ان تي عمل ڪندس. اُن جي

جواب جي منظوري ڏيندي نبي ڪريم ﷺ انهن کي الوداع چيو ۽ پنهنجي هٿن کي بلند ڪندي فرمايو: الله جي لاءِ ئي سڀ تعريفون آهن جنهن الله جي رسول جي رسول (معاذ) کي ان شيءِ کي توفيق ڏني جنهن سان اهو راضي آهي. صحابه جي اجتهاد (قرآن ۽ سنت تي مبني بهترين فيصلي جو استعمال) تي نبي ڪريم ﷺ جي منظوري هڪ نظير قائم ڪئي ۽ فيصلي ڪرڻ جو هڪ جائز طريقو سامهون اچي ويو. قرآني احڪام جي مطابق الله جا نبي ﷺ جيڪو ڪجهه به منظور فرمائي ڇڏن اهو جائز ۽ قانوني بڻجي ويندو آهي ۽ جنهن کي اهي رد ڪري ڇڏن اهو ناجائز، ممنوع ۽ غير قانوني ٿي ويندو آهي.

**اجماع، قياس ۽ اجتهاد:**

قرآن ۽ سنت تي مبني مسئلن جي استخراج ۽ استنباط ۽ احڪام جي تشڪيل جي عمل کي اجتهاد ۽ قياس چيو ويندو آهي. اجتهاد ڪرڻ واري کي مجتهد چيو ويندو آهي. (جمع: مجتهدين). اجماع، مجتهدين جي اڪثريت جي رضامندي ۽ راءِ جي اتفاق جو نالو آهي. هي ٽيئي معيار هڪ ٻئي سان گڏ اسلامي علم جا ثانوي ذرائع سمجهيا ويندا آهن.

جڏهن ڪڏهن علماءِ اسلام مخصوص ديني احڪامن جي تعين کان قاصر ٿي ويندا آهن، چو ته قرآن و سنت اُن جي متعلق خاموش ٿي ويندا آهن ۽ واضح طور تي راه عمل متعين نه ڪندا آهن، (اهڙي صورت حال ۾) انهن کي اجازت هوندي آهي ته اهي پنهنجي راءِ استعمال ڪن ۽ نئي حالتن/ مسئلن جي لاءِ هڪ لائحه عمل مرتب ڪن. مجتهد جي راءِ کي عام طور تي قبول ڪيو ويندو آهي چو ته هي بنيادي ذرائع کان ماخوذ هوندا آهن. جيڪڏهن ڪو انفرادي ...يا... اجتماعي فيصلو ...يا... راءِ قرآن و سنت سان متصادم هجي ته هي ناقابل قبول هوندي، چاهي ڪيترو ئي معقول ...يا... سنو چو نه لڳي.

نبي ڪريم ﷺ جن جي وفات کان بعد جڏهن نوان مسئلا سامهون آيا ته اجتهاد ۽ قياس صحابه جو معمول بڻجي ويو. صحابه ڪرام رَضي الله تَعاليٰ عَنهُم کان پوءِ علماءِ جي پهرين ۽ ٻئين نسل به مستند مجتهدين جي هئي. چو ته اهي فوراً بعد ۽ بلا واسطه صحابه ڪرام رَضي الله تَعاليٰ عَنهُم جي اولاد ...يا... شاگرد هئا، جنهن براه راست پيغمبر اڪرم ﷺ کان اسلام سکيو هو. جيئن ئي نيون ۽ غير معمولي ضرورتون ۽ حالتون پيدا ٿيون، امام اعظم ابو حنيفه رَضِيَ



الله تَعالٰی عَنهُ قرآن ۽ سنت جي روشني ۾ استخراج ۽ استنباط مسئلن جي لاءِ قياس جي ڀرپور حمايت ڪئي.

چو ته هي ضرورتون هميشه اينديون رهنديون، انهيءَ لاءِ قياس جو استعمال ڪري سگهجي ٿو. مثال جي طور تي هڪ مسلمان ڄاڻڻ چاهي ٿو ته اسلام ۾ گردي جي پيوندڪاري جي اجازت آهي ...يا... نه؟ يا اهو هڪ مفتي (مسلم ماهر قانون) کان فتوي (اسلامي حڪم) وٺڻ چاهي ٿو ته اسلام بيئر (Beer) ڪپائڻ جي متعلق ڇا چوي ٿو؟ هي هڪ مفتي جو مذهبي فريضو آهي ته اسلامي شرعي قانون جي بنياد تي فتوي جاري ڪري ۽ سوال پڇڻ واري جي صحيح رهنمائي ڪري. ڪنهن به انسان کي پنهنجي ذاتي خيالن ۽ نظريات اسلام جي اندر داخل ڪرڻ جو اختيار نه آهي، اهڙي طرح الله جو اصل پيغام ۽ هدايت ۽ رهنمائي محفوظ رهي ٿي.

اسلام جي خدمت جي لاءِ هڪ مجتهد جي اولين خوبين مان تقوي، ديني ۽ روحاني علم، باطني حڪمت، نبي ڪريم ﷺ سان والهانه عقيدت و محبت، اخلاص، پاڪيزگي، لگن، عزم صميم ۽ ثابت قدمي آهن.

هن مقام تي هي چوڻ مناسب آهي ته چو ته مستند، مقدس ۽ مخلص هستيون جن اسلام جي خدمت ڪئي، هاڻي گهٽ ٿي ويون آهن. اسلام جي مستند تعليمات جي صحت و درستي کي محفوظ ۽ برقرار رکڻ جي لاءِ نا اهل ۽ قابليت و لياقت کان محروم مسلمانن جي لاءِ اجتهاد کي محدود ڪرڻ ضروري آهي.

قرآن ڪريم، سنت نبوي، اجماع ۽ قياس انساني زندگي جي هر پهلو جو احاطو ڪندا آهن. مسلمانن جي لاءِ ديني و اخلاقي جواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪو گوشه هاڻي تشنه نه آهي. مسلم معاشري جي بدلجندڙ ضرورتن جي لاءِ نوان قانون بڻائڻ وقت قانون جي هر مسلمان عالم کي ان جي طرف رجوع ڪرڻ گهرجي.

## (انساني زندگي جو مقصد)

عام طور تي هي ڳالهه معروف آهي ته ”انساني زندگي هڪ قيمتي تحفو“ آهي. يعني صرف زندگي نه، بلڪ خاص طور تي ”انساني زندگي“ انمول ۽ قيمتي آهي. آخر انساني زندگي ۾ اهڙي ڇا خاص ڳالهه

آهي جو ان کي قيمتي بڻائي ٿي، ۽ جانورن جي زندگي ڇو قيمتي ناهي؟ جانورن وانگر اسان به پيدا ٿيندا آهيون، ۽ هيڏانهن هوڏانهن ڪجهه اختلاف سان گڏ کائيندا، پيئندا ۽ قيام ڪندا آهيون. اسان ڪم ڪندا آهيون ته جيئن خوراڪ ۽ پنهنجون ٻيون ضرورتون حاصل ڪيون، جانور به اهڙي طرح کائيندا، پيئندا ۽ پنهنجن ضرورتن جي ڳولا ۾ مصروف رهندا آهن. اهي پنهنجون جنسي ضرورتون پوريون ڪندا آهن ۽ اسان به ڪندا آهيون. اهي پنهنجي حفاظت ۽ دفاع ڪندا آهن ۽ پنهنجي علاقن جي سار سنڀال ڪندا آهن، جيئن ته اسان به ڪندا آهيون. اهي پنهنجي اولاد جي پرورش ۽ پرداخت ڪندا آهن ۽ پوءِ پوڙهو، بيمار، زخمي ٿيندا ۽ مرندا آهن، ۽ هي سڀ شيون اسان سان گڏ به هونديون آهن. پوءِ "انساني زندگي" جي ڇا خاص ڳالهه آهي، هي قيمتي ڇو آهي؟

جيڪڏهن مان اوهان کي ڏهه ٽن وزني پهاڙ بطور تحفو ڏيان ته اوهان ان کي پنهنجي گهر ۾ پهريان ئي موجود پٿريلي پهاڙ تي رکي ڇڏيو، ته ڇا اوهان ان کي هڪ قيمتي تحفو چوندو؟ قيمتي شيءِ ته ڇڏيو ان کي هڪ تحفو به نه چئي سگهندو، ڇو ته ان سان ڪو مقصد وابسته نه آهي. جيئن ته جڏهن ان جو ڪو مقصد نه آهي ته ان جي ڪا قدر و قيمت به نه آهي، نتيجتًا اها قيمتي نه آهي. جڏهن ته جيڪڏهن مان ننڍو پٿر يعني هيري جي هڪ منڊي ...يا... روليڪس گهڙي اوهان کي ڏيان ته اوهان ضرور چوندو ته هي هڪ قيمتي تحفو آهي.

هيري جي منڊي ۽ روليڪس گهڙي جو مقصد ئي ان کي قيمتي، انمول ۽ بيش بها بڻائي ٿو، يقينا هي شيون اوهان جي زندگي ۾ ڪم اينديون، اوهان جي ظاهري شڪل و صورت کي خوبصورتي ڏينديون، اوهان جي مال و دولت ۾ اضافو ڪندي ...يا... پوءِ اوهان جي شخصيت جي عڪاس هوندي. وغيره وغيره.

هاڻي اسان ڄاڻيون ٿا ته ڪنهن شيءِ جو مقصد ئي جيڪو ان سان وابسطه هوندو آهي ان کي انمول ۽ قيمتي بڻائيندو آهي. مقصد جيترو عظيم هوندو قدر و قيمت اوتري ئي وڌيڪ هوندي. وڌيڪ هي ته مقصدن ۽ شين جي قدر و قيمت هر شخص جي ذوق، شوق، انتخاب ۽ استعمال جي مطابق مختلف به ٿي سگهن ٿيون. ڪنهن به شيءِ مان قدر



و قيمت کي وابسطه ڪرڻ کان پهريان ان جو "مقصد" ڄاڻڻ گهڻو ضروري آهي. تنهنڪري "انساني زندگي" جو مقصد ئي ان کي پنهنجي رب جي طرف کان هڪ انمول ۽ قيمتي تحفو بڻائيندو آهي. جيڪڏهن اسان جي "زندگي جو مقصد" جانورن ئي وانگر آهي ته پوءِ ان جي زندگي به اسان ئي وانگر قيمتي ۽ انمول هجڻ گهرجي.

"انساني زندگي" ڪنهن به ٻئي زندگي کان وڌيڪ قابل قدر آهي ۽ ان کي صحيح طور تي قيمتي چيو ويندو آهي ڇو ته ان سان هڪ "عظيم مقصد" وابسطه آهي. اسلام جي تعليم هي آهي ته الله ڪائنات کي انسان جي لاءِ مسخر ۽ تابع فرمائي ڇڏيو آهي، جڏهن ته انسان کي الله محض پنهنجي عبادت جي لاءِ پيدا فرمايو آهي. انسان وٽ هر حيواني خصوصيت ۽عادت موجود آهي. پر فرق هي آهي ته انسان جي زندگي ۾ هڪ خاص مقصد ڏنو ويو آهي جيڪو الله جي عبادت ۽ ان جي رضا ۽ خوشنودي جو حصول آهي.

هن خاص مقصد جي تڪميل جي لاءِ انسان کي سڀ کان پهريان ان "حيواني خصوصيت" کي ڪنٽرول ڪرڻو ۽ دٻائڻو هوندو جيڪا ان کي پنهنجي ان مقصد کان روڪيندي هجي ۽ ساڳئي ئي وقت انهن ڪمالن ۽ خوبين کي ترقي ۽ فروغ ڏيڻو آهي جيڪي ان مقصد جي تڪميل ۾ مددگار ۽ معاون هجن. هن مقام تي، انسان صحيح معني ۾ "اشرف المخلوقات" جي منصب اهل اهل تي ويندو آهي ۽ تڏهن ئي ان جي زندگي قابل قدر ۽ انمول ٿي ويندي آهي. اسان جهڙي طرح هن زندگي کي گذارڻ جو انتخاب ڪندا آهيون انهيءَ مان هن ڳالهه جو تعين ٿيندو آهي ته آخرت ۾ اسان جو انجام ڇا ٿيندو.

الله قرآن مجيد ۾ فرمائي ٿو:

وَمَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَالْإِنْسَ إِلَّا لِيَعْبُدُونِ (قرآن مجيد، 51:56)

۽ نه پيدا فرمايو مون جن ۽ انسان کي پر ان لاءِ ته جيئن عبادت ڪن منهنجي.

لَقَدْ خَلَقْنَا الْإِنْسَانَ فِي أَحْسَنِ تَقْوِيمٍ (قرآن مجيد، 95:4)

يقينًا بيشڪ پيدا فرمايو اسان انسان کي تمام خوبصورت سانچي ۾

وَ الۡعَصۡرِ(1)اِنَّ الۡاِنۡسَانَ لَفِیۡ خُسۡرٍ(2)اِلَّا الَّذِیۡنَ اٰمَنُوۡا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَ تَوَاصَوۡا بِالۡحَقِّ وَ تَوَاصَوۡا بِالصَّبۡرِ(3) (قرآن مجيد، 103:1-3)

قسم آهي ان عصر ۽ زماني جو. بيشڪ انسان يقينا گهاٽي ۾ آهن. پر جن ايمان آندو، ۽ نيڪيون ڪيون، ۽ باهم وصيت ڪئي حق جي. ۽ باهم وصيت ڪئي صبر جي.

رب تعالي اسان کي بهترين ساخت ۽ خوبصورت شڪل و صورت ۾ پيدا ڪيو ۽ بطور انسان زندگي گذارڻ ۽ آخرت ۾ ڪاميابي جي تياري جي لاءِ ان اسان کي هر ضروري خوبي ۽ ڪمال سان آراسته ڪري ڇڏيو. هاڻي جيڪو به زندگي جو هي عظيم ترين مقصد، رب تعالي جي عبادت جي لاءِ پورو ڪري ٿو، جيئن ته ان اسان کي تعليم فرمايو آهي ته اهو ضرور هدايت يافته ۽ ڪامياب و بامراد ٿيندو.

**انسان کان مشين تائين:**

جنهن عظيم مقصد جي لاءِ انسان کي پيدا ڪيو ويو هو ان کي وساري وڃڻ ئي هن دنيا کي ان پنهنجو مستقل گهر سمجهڻ تي مائل ڪري ڇڏيو. هن "مفروضه مستقل گهر" ۾ رهڻ جي انتظامات ڪرڻ ۾ انسان هڪ مشين  بڻجي ويو آهي، ۽ هاڻي اهو پنهنجي زندگي کي ڪنٽرول نه ٿو ڪري سگهي. چاهيندي ...يا... نه چاهيندي، رضاڪاراڻو ...يا... غير ارادي طور تي اهو معاشري جو ...يا... پنهنجي خودساخته مصنوعي زندگي جو غلام بڻجي ويو آهي. ڪاميابي، دولت، عيش و عشرت، شهرت ۽ ٻين مادي خواهشن جي خاطر ڀڄ ڊڪ ڪرڻ هن کي هڪ مشين ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي، جنهن سان اهو حقيقي زندگي جو موروثي ۽ ضروري حسن وڃائي چڪو آهي. در حقيقت، زمين ۽ ان ۾ موجود هر شيءِ انسان جي خدمت جي لاءِ ٺاهي وئي هئي پر ان کي پنهنجو غلام بڻائڻ جي بجاءِ اهو پاڻ هن جو غلام بڻجي ويو آهي. هن کي ان جو استعمال پنهنجي "زندگي جي مقصد" جي تڪميل جي لاءِ ڪرڻو هو، پر هن پاڻ کي ان جي خدمت ۾ لڳائي ڇڏيو ۽ هڪ ماتحت بڻجي ڪري رهجي ويو. هن غلامي ان کان پڇيو، "هي ڇو؟" ۽ "ايئن ڇو؟" جڏهن ته ان کي پنهنجي اندر پڇڻ گهرجي ته "مان ڇو؟" ۽ "ڪنهن جي لاءِ؟" الله جي ڪمال خلقيت جي تعريف ۽ ان جو شڪر ادا ڪرڻ ۽



هن کي ان جي اسماءِ حسني سان پڪارڻ جي بجاءِ اهو پنهنجو مقصد ئي وساري وينو ۽ پاڻ کي هن فريب ڪار، عارضي دنيا جي رونقن ۾ گم ڪري ڇڏيو.

جيڪي ماڻهو هن دنيا ۾ گم ٿي ويا آهن اهي مشينن وانگر ٿي ويا آهن جيڪي نه مشاهدو ڪندا نه غور و فڪر ڪندا آهن، ان جي دل ته آهي پر پنهنجي عملن جي احتساب جي انهن کي ڪا ڳڻتي ڪانهي مشينن کي ئي پنهنجي موت جي فڪر نه هوندي آهي ۽ نه اهي هي سوچنديون آهن ته آخرت ۾ انهن سان ڇا ٿيندو. انهن کان پنهنجي خالق، پنهنجي مقصد ...يا... پنهنجي انجام ڀڄي پورا ٿيڻ جي باري ۾ ڪجهه نه پڇيو ويندو.

هڪ مختلف زاويي سان انهيءَ مثال تي غور ڪرڻ سان خبر پئي آهي ته مشينون، جيڪي انسان جي تخليق آهن، ڪڏهن به پنهنجي مقصد کان انحراف ناهن ڪنديون. اهي پنهنجي مالڪ جي احڪام تي عمل ڪنديون آهن ۽ دماغ نه هجڻ جي باوجود به مناسب طريقي سان پنهنجي موجد / مقصد جي ارادي جي مطابق ڪم انجام ڏينديون آهن. ٻئي طرف انسان مشينن وانگر بڻجڻ جي باوجود به انهن وانگر مڪمل طور تي ڪار ڪردگي جو مظاهرو نه ڪري سگهيو. هي يقينًا انهيءَ ڪري آهي جيئن ته انسانن وٽ هاڻي به "آزاد ارادي جي قوت" موجود آهي. اگرچه اهي سوچي سگهندا آهن، مشاهدو ڪري سگهندا آهن، غور و فڪر ڪري سگهندا آهن، ۽ انهن وٽ سوچڻ سمجهڻ جي صلاحيت آهي پر اهي صحيح طريقي سان ڪم ڪرڻ ۾ ناڪام رهندا آهن، پنهنجي رستي کان هٽجي ويندا آهن ۽ پنهنجي خالق ۽ مالڪ جي حڪم جي مطابق عمل ناهن ڪندا.

انسان جو انسانيت کان جهالت ۽ بربريت تي ڪرڻ هڪ عالمي واقعو آهي ۽ هي ڪنهن هڪ مخصوص علائقي ...يا... معاشري تائين محدود نه آهي. ايسيتائين جو گهٽيا جانور به پنهنجي نوع ۽ جنس کي ناهن ماريندا، پر انسان ناجائز سببن ۽ مقصد جي تحت انفرادي ۽ اجتماعي طور تي بي رحمي ۽ بغير ڪنهن جهجهڪ جي پاڻ جهڙن انسانن جو رت وهائيندا آهن. هڪ جڳهه تي ڪجهه اهڙا بادشاهه ماڻهو آهن جيڪي سون مان ٺهيل بيت الخلاءِ استعمال ڪندا آهن جڏهن ته اتي

ئي اهڙا ماڻهو بہ آهن جيڪي وڏي مشڪل سان پنهنجون بنيادي ضرورتون پوريون ڪري سگهندا آهن. ڪجھ جڳهن تي گهڻو ڪاتو ڪچرا ڪندي ۾ اڇلايو ويندو آهي ...يا... ٻين طريقن سان ضائع ڪري ڇڏيو ويندو آهي. جيڪڏهن ان کي بچايو وڃي تہ انهن لکين ماڻهن جو آساني سان پيٽ ڀري سگهجي ٿو جيڪي ٻئي جڳھ بکيا سمجهيا ويندا آهن.

ٻئي مخلوقات کي ڇڏيو. ڏسو انسان پاڻ ڇا بڻجي ويو آهي. لکن ۾ بہ اهو اڪيلو آهي. مختلف رشتن ۽ دوستن سان قطع نظر، اهو اڪيلو آهي. سچيون دوستيون هاڻي موجود ناهن رهيون ۽ انهيءَ وجہ سان پنهنجو وقت گذارڻ جي لاءِ ان کي ان جاءِ تي مصنوعي ماڻهن کي رکڻو پيو. بعض اوقات، بي انتها دولت جي باوجود اهو وڏو محتاج لڳندو آهي، ڇو تہ اهو اهڙيون شيون نہ ٿو خريد ڪري سگهي جنهن جي ان کي ضرورت آهي، جيئن تہ محبت ۽ پيار. ايسيتائين جو ان جا قريبي افراد ان جي شريڪ حيات ۽ ٻار بہ ان جي مال و دولت جي پويان پويان رهندا آهن ۽ ان کي ان جي زندگي ۽ محنت جو ڪو خيال ناهي هوندو. اسان نهايت ذهين مخلوق آهيون، پر ايئن لڳي ٿو تہ اسان پنهنجو پاڻ کي بي وقوف بڻائي رهيا آهيون.  ٻين کي بي وقوف بڻائڻ تہ واقعي ڪجھ ماڻهن جي لاءِ روز مره جو ڪاروبار آهي، پر سڀني احمقن کان وڏو احمق اهو آهي جيڪو پنهنجو پاڻ کي بي وقوف بڻائي.

انساني زندگي جي هر پهلو ۾ سڀ سائنسي ۽ ٽيڪنيڪي ترقي جي باوجود اسان هن ڪائنات ۾ پنهنجي حقيقي حيثيت کي تسليم ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي ويا آهيون. پنهنجي بي پناه طاقت جي باوجود بہ اسان دلين تي حڪومت ڪرڻ ۾ ناڪام آهيون ۽ پنهنجا مسئلا پاڻ حل ڪرڻ کان قاصر آهيون. هي حالت ڏينهن و ڏينهن خراب ٿيندي ٿي وڃي ايسيتائين جو دنيا جي سڀني آسائشن جي باوجود انسان چين و سڪون ۾ نہ آهي ۽ هر وقت خوفزده آهي.

انسان چنڊ تي قدم رکي چڪو آهي ۽ ڪائنات ۾ گهڻو پري نڪري ويو آهي، جنهن جو ڪا ٻئي مخلوق سوچي بہ نہ ٿي سگهي. منهنجي راءِ ۾ ۽ مان معذرت چاهيان ٿو هي چوڻ جي لاءِ تہ ان تہ هاڻي هي بہ ناهي



سکيو تہ پنهنجي پيدائش جي جاءِ زمين تي صحيح طريقي سان ڪيئن رهيو ويندو آهي؟ جيڪڏهن چنڊ تي ڪو جاندار ان سان ملي ۽ پڇي وٺي تہ "ڇا تو زمين تي صحيح طريقي سان جيئڻ سکي ڇڏيو آهي جو ٻين جي جاءِ تي قبضو ڪرڻ جي جرات ڪري رهيو آهين؟" تہ هي ڇا جواب ڏيندو؟

اسان کي هي حق ضرور حاصل آهي تہ اسان جيڪو چاهيون دريافت ڪريون ۽ هر شيءِ جو مقصد ڄاڻيون، پر اسان کي سڀ کان پهريان پنهنجي مقصد کي تہ ڄاڻڻ گهرجي. "هي ڇو" ۽ "اهو ڇو" پڇڻ، صرف انهيءَ وقت جائز آهي جڏهن اسان کي "مان ڇو" ۽ "ڪنهن جي لاءِ" جي خبر پئجي وڃي.

ڪائنات ۾ پنهنجي مناسب حيثيت، پنهنجو مقصد ۽ پنهنجي منزل جو تعين ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي صلاحيتن کي بروئي ڪار آڻڻ ۽ علم جي استعمال ڪرڻ جي بجاءِ اسان ڀٽڪجي ويا آهيون ۽ بنيادي حقائق کي جهٽلائڻ ۾ مصروف ٿي ويا آهيون، جيڪي حقائق هن ڳالھ جي نشاندهي ڪندا آهن تہ انساني زندگي جو هڪ مقصد ۽ هڪ منزل آهي، جنهن جي طرف اسان سڀ وڃي رهيا آهيون.

ڪجھ ماڻهو سمجهندا آهن تہ "موت" زندگي جو خاتمو آهي، پر حقيقت ۾ هي روح جي لاءِ ٻئي دنيا ۾ وڃڻ جو صرف هڪ ذريعو آهي. موت جي ذريعي، روح ۽ جسم عارضي طور تي عليحده ٿي ويندا آهن، قيامت جي ڏينهن تائين جي لاءِ، جڏهن سڀني کي ٻيهر زنده ڪيو ويندو. ان ڏينهن، روحون انهن جي جسمن ۾ ٻيهر بحال ڪيون وينديون ۽ پنهنجي عملن جي لاءِ جوابده ٿينديون. خدا جو عدل ۽ انصاف قائم ٿيندو ۽ هر هڪ کي ان نا انصافي ۽ حق تلفي ۽ ظلم و زيادتي جي لاءِ جوابده ٺهرايو ويندو جيڪي ان پنهنجي مٿان ...يا... ڪنهن ٻئي تي ڪيو هوندو. بهر حال، انسان مشينون نہ آهن، جو احتساب جي عمل کان آزاد هجن. اهو هڪ ذي روح مخلوق آهي جنهن کي هڪ خاص مقصد جي لاءِ پيدا ڪيو ويو آهي. خواه اسان پنهنجي خاص مقصد جي تڪميل جي لاءِ "آزاد ارادي جي قوت" جي ذريعي ان جو انتخاب ڪريون ...يا... ٻيون صورتون اپنايون، الله ان کي آخرت ۾ انهيءَ فيصلي تي جزا ...يا... سزا ڏيندو.

ماڻهن جي لاءِ هي ناممڪن آهي تہ اهي ظاهري ۽ مصنوعي ڪاميابي جي حصول جي لاءِ ”فطري قوتن“ جي خلاف وڃي سگهن. الله جي مرضي ٿي انهن فطري قوتن جي ذريعي غالب رهندي. ڇو؟ انهيءَ لاءِ تہ اهو ئي انهن قوتن جو خالق آهي. هي ان جي دنيا ۽ ان جي ڪائنات آهي. ماڻهن کي ان جي منصوبن ۾ مداخلت جو ڪجھ بہ اختيار ۽ طاقت نہ آهي.

اهو دنيا کي پنهنجي طريقي سان هلائڻ ۽ ان جي مطابق اقدامات ڪرڻ جا منصوبا ٺاٺي سگهي ٿو، پر اهي وڏيڪ مسئلا پيدا ڪندا ۽ وڏيڪ بد امني ۽ بي چيني جو باعث ٿيندا. ۽ اڄ هتي جيڪو ڪجھ هن دنيا ۾ ٿي رهيو آهي پر ڪا ڳالھ ڳجندي نظر نہ ٿي اچي. انهيءَ لاءِ هر انسان جو فرض آهي تہ ان (الله) جي احڪامن تي عمل ڪري ۽ ان جي ٻڌايل قانونن جي اتباع ڪري.

ماڻهن کي گهرجي تہ اهي ”فطري قانونن“ ۾ دخل اندازي نہ ڪن ۽ هن طبعي دنيا کي ايئن ئي رهڻ ڏين. انهن جو فريضو آهي تہ اهي پنهنجي ذمہ دارين جي باري ۾ معلومات حاصل ڪن ۽ خبر وٺن تہ انهن کي ڪهڙو ڪردار ادا ڪرڻو آهي. اسلام جو مطالعو واضح طور تي اوهان کي ٻڌائيندو تہ انسان جي طور تي ماڻهن جو ڪردار ڇا آهي ۽ انفرادي ۽ اجتماعي طور تي الله جي مرضي سان ٽڪراءُ کان ڪيئن بچي سگهجي ٿو. اسلام واضح طور تي اهڙن سوالن جا جواب بہ ڏئي ٿو جيئن: انسان جون حدون ڇا آهن؟ انهن کي الله جي مرضي جي مطابق پنهنجي مرضي ڪيتري تسليم ڪرڻ گهرجي؟ انهن وٽ ڪيترا رستا آهن؟ انهن کي ڪيتري آزادي گهرجي؟ جيڪڏهن اهي دانشمندي سان انتخاب نہ ڪن تہ ان جي پسند ۽ ناپسند جو نتيجو ڇا ٿيندو؟ انهن وڏيڪ آزادين جا نتائج ڇا آهن جن جو اهي ڪڏهن ڪڏهن مطالبو ڪندا آهن ...يا... جنهن کي اهي حاصل ڪري ڇڏيندا آهن. اسلام جي صحيح فهم، فيصلہ سازي جي هن عمل کي اپنائڻ ۾ ۽ ڪٽي وڃڻ وارا اقدامن جو دانشمندي سان انتخاب ڪرڻ ۾ معاون ۽ مددگار هوندي آهي تہ انفرادي ۽ اجتماعي طور تي سڀني جي لاءِ امن و سڪون، خوشحالي ۽ سعادت مندي جو حصول ٿئي.



محمد موسيٰ ڀٽو
عنايت الله


# اسان جا ڪجھ اهم معاملات

## احاديث نبوي جي روشني ۾

### ٽين خصلتن سان ايمان جي لذت:

فرمايائون: شخص ۾ ٽي خصلتون موجود هجن، تہ ان کي ايمان جي لذت حاصل ٿي، هڪ اها تہ الله تعاليٰ ۽ سندس رسول ﷺ ان جي نظر ۾ سڀ کان وڏيڪ محبوب هجن. ٻيو اهو تہ هو ڪنهن انسان سان صرف الله جي رضا لاءِ محبت رکي، ٽيون اهو تہ هو ڪفر ۾ واپس موٽڻ کي ايترو ئي ٻُرو ڄاڻيندو جيئن باھ ۾ ڦٽو ڪرڻ کي ٻُرو سمجهي ٿو. (صحيح مسلم حديث نمبر: 165)

هن حديث شريف ۾ ايمان جي مٺاس جون علامتون بيان ڪيون ويون آهن. الله ۽ سندس رسول جي محبت سڀني محبتن تي غالب هجي، شخصيت تي الله ۽ سندس رسول جي محبت غالب هجي. ان لاءِ نفس ۽ ماديت پرست قوتن سان ڪيتري ئي وقت تائين جهيڙو ڪرڻو پوندو ۽ محبت جي رستي ۾ هلڻو پوندو. جيستائين نفس جي خواهشن جو زور نہ ٽٽندو تيسين تائين هي مقصد حاصل نہ ٿيندو. جيستائين نفس سڌري ڪري فطرت ۾ موجود جذبن سان محبت سان ميچ نہ ٿي وڃي، ان کان پوءِ ئي الله ۽ سندس رسول جي محبت مزاج جو حصو بڻجي ويندي آهي. جڏهن هي محبت مزاج ۾ رچي ويندي آهي، تہ ٻين شين جي ضرورت ناهي پوندي.

## مومن جي تعريف ڪرڻ، ان لاءِ نقد خوشخبري:

حضرت ابو ذر غفاري رضي الله عنه بيان ڪن ٿا ته رسول ﷺ کان پڇيو ويو ته جيڪڏهن ڪو فرد سٺو عمل ڪري ۽ ماڻهو ان جي تعريف ڪن، ڇا اها رياڪاري آهي؟ پاڻ ﷺ جواب ڏنو "هي مومن لاءِ روڪ/نقد خوشخبري آهي" (صحيح مسلم).

جڏهن الله جو فضل ڪنهن بندي سان خاص طور تي شامل هوندو آهي ۽ مجاهدن ڪرڻ سان ان جو نفس هڪ قابل ذڪر حد تائين سڌريل آهي، ته ان جا سڀ ڪم الله ڪارڻ ٿيڻ لڳندا آهن. اخلاص سان الله خاطر ٿيندڙ دعوتي ڪم ۽ شخصيت جون اخلاقي خوبيون اهڙي تاثير رکنديون آهن جو اهڙن ماڻهن لاءِ دلين ۾ محبت پيدا ٿيڻ لڳندي آهي، ۽ انهن جي تعريف به ٿيندي آهي. هن تعريف ۽ تحسڪن سان پاڻ ۾ وڏائي اچڻ بجاءِ، الله جي شڪرگذاري جو جذبو پيدا ٿئي ٿو. اهڙي تعريف کي رسول ﷺ مومن لاءِ روڪ خوشخبري طور بيان ڪيو آهي. ماڻهن جي تعريف باوجود، مومن خود احتسابي نٽو وساري، هو هو گهرائي سان جائزو وٺندو رهي ٿو ته ڪٿي اهڙي تعريف سان نفس ۾ خوشي جي حالت ته پيدا ناهي ٿي رهي. جيڪڏهن خوشي جي حالت پيدا ٿئي ٿي، ته هو توبه ۽ استغفار ڪندو رهي ٿو.

## فرد جي چڱي ۽ بُري ٿيڻ جي علامت:

حضرت ابو هريره فرمايو آهي ته رسول ﷺ ڪجهه ماڻهن جي مجلس وٽ بيٺي ارشاد فرمايو ڇا مان توهان کي توهان جي چڱي ۽ بُري جي خبر نه ڏيان؟ هڪ صحابي عرض ڪيو "يا رسول الله، ضرور ٻڌايو." پاڻ فرمايائون، "توهان مان بهتر اهو آهي جنهن کان چڱائي جي اميد رکي وڃي، ۽ ان جي شر کان بچي سگهجي، ۽ توهان مان برو اهو آهي، اهو آهي جنهن مان ڀلائي جي اميد رکي سگهجي ۽ ان جي شر کان محفوظ نه رهي سگهجي." (صحيح بخاري)



هن حديث شريف ۾ چڱي ۽ بُري شخصيت جي مزاج جي نشاندهي ڪئي وئي آهي. اسان وٽ نفس جي تزڪيي لاءِ جيڪي مجاهدا ڪرايا ويندا آهن، ان ۾ طالب، نفس ۾ موجود شر جي سڃاڻي قوتن ۽ ان جي مڪرو فريب جي سڃاڻي وارداتن کان آهستي آهستي واقف ٿيڻ لڳندو آهي، بلڪ نفس ۾ موجود شر جي جاءِ تي خير جي قوت کي غالب ڪرڻ يعني نفس اماره کي نفس مطمئنه جي پهرين مرحلي ۾ داخل ڪرڻ جي خصوصيت وارو ٿيڻ لڳندو آهي. نفس کي سنوارڻ جو بنيادي مقصد ئي هي آهي ته پنهنجي نفس جي شرارتن کان ٻين کي محفوظ رکيو وڃي، ۽ شخصيت تي خير جي پهلو کي ايترو غالب ڪيو وڃي جو ٻين کي نفعو پهچائڻ ۽ انهن لاءِ خير ۽ ڀلائي جو ذريعو بڻجڻ جو مزاج غالب ٿي وڃي.

هاڻي ته ماديت پرستي ۽ نفس پرستي جي غلبي سبب، نفس کي سنوارڻ ۽ ان جي صورت کي تبديل ڪرڻ جي ڪم جي اهميت ئي باقي نه رهي آهي، جنهن سبب شر کان بچڻ ۽ خير جي اميد رکڻ مشڪل ٿي ويو آهي. شال الله اسان جي باطن واريون اکيون کولي، ۽ اسان کي شر ۽ خير کي سمجهڻ ۽ شخصيت تي خير کي غالب ڪرڻ جي رستي تي گامزن ڪري.

## محبت ڪندڙ سان حشر ۾ گڏهجڻ:

حضرت انس کان روايت آهي ته هڪ ماڻهو نبي ﷺ کان قيامت بابت سوال ڪيو ته اها ڪڏهن قائم ٿيندي، پاڻ ﷺ فرمايو "تون ان لاءِ تياري ڇا ڪئي آهي؟" هن عرض ڪيو "ڪجهه به نه، سواءِ ان جي جو مان الله ۽ سندس رسول ﷺ سان محبت ڪندو آهيان." پان ﷺ جواب ڏنو، "پوءِ تنهنجو حشر به انهن سان گڏ ٿيندو، جن سان توکي محبت آهي." حضرت انس رضي الله عنه فرمائين ٿا، مونکي ڪنهن ڳالهه سان ايتري خوشي نه ٿي آهي جتري خوشي هي حديث ٻڌي ٿي، جنهن ۾ چيو ويو آهي ته تنهنجو حشر انهن سان ٿيندو جن سان تو محبت ڪئي آهي." حضرت انس رضي الله عنه چيو ته، "پوءِ مان نبي ﷺ، ابو بڪر ۽ عمر رضي الله عنهما

سان محبت رکندو آهيان، ۽ انهن سان محبت جي بنياد تي مان اميد ٿو رکان ته منهنجو حشر به انهن سان گڏ ٿيندو، حالانڪ مان انهن جهڙا عمل نه ڪري سگهيو آهيان." (صحيح ابن حبان ١٠٥٨)

هي حديث پڻ اڳ ۾ مختصر الفاظ ۾ موجود آهي. هن حديث مان محبت جي اهميت جو اندازو لڳي ٿو ته الله ۽ رسول ﷺ يا متقي ماڻهن سان محبت جي سبب قيامت ۾ انهن جي همراهي نصيب ٿيندي. ان کان وڌيڪ سعادت ڇا ٿي سگهي ٿي، پر محبت صرف چوڻ سان پيدا نٿي ٿئي؛ ان لاءِ دل کي غير الله جي محبتن کان خالي ڪرڻو پوي ٿو ۽ ان کي الله، رسول ﷺ ۽ الله جي دوستن جي محبت سان ڀرڻ گهرجي. محبت جي خاصيت آهي ته ان جي سبب عملن ۾ پاڪائي ايندي آهي. جيڪڏهن الله جي دوست سان محبت آهي، ته عملن ۾ انهن جهڙو ٿيڻو پوندو آهي، ۽ الله جي دوست جي محبت الله ۽ سندس رسول جي محبت تائين رسائي جو ذريعو بڻجي ٿي. انهي ڪري محبت جو رشتو قائم ڪرڻ ضروري آهي. محبت هڪ طاقتور عمل آهي جيڪو شخصيت کي مڪمل تبديل ڪري ڇڏيندو آهي، ۽ محبت جي هن خاصيت جي سبب فرد قيامت جي ڏينهن محب سان گڏ هوندو ۽ ان جي همراهي ۾ هوندو.

## ٽن خصلتن جا اثرات:

فرمايائون: صدقو مال کي گهٽائي نٿو ۽ ڪنهن کي معاف ڪرڻ سان الله تعاليٰ ان جي عزت ۾ اضافو فرمائي ٿو ۽ جيڪو شخص الله لاءِ عاجزي اختيار ڪري ٿو الله تعاليٰ ان کي بلند ڪندو آهي. (صحيح مسلم حديث نمبر: ٦٥٩٢)

هن حديث ۾ ٽن نقطن جو ذڪر اڳ ۾ به ٿي چڪو آهي. صدقو مال کي گهٽائي نٿو هي هڪ اهم نقطو آهي. ظاهر ۾ مال گهٽ ٿيندو نظر اچي ٿو پر صدقي جي برڪت اهڙي هوندي آهي جو مال مختلف طريقن سان وڌيڪ ايندو آهي، ان جو تجربو ڪري ڏٺو وڃي. ٻيو فائدو اهو آهي ته مال جي



محبت ۾ گهٽتائي اچي ٿي، ۽ ٽيون فائدو اهو آهي ته قلبي سڪون محسوس ٿئي ٿو جهڙوڪ دل فرد کي چوي ٿي ته تون الله جي راه ۾ مال خرچ ڪري مون لاءِ آرام جو سامان مهيا ڪيو آهي. الله لاءِ مال خرچ ڪرڻ جي خاصيت آهي ته ان سان سڪون حاصل ٿيندو آهي.

## جو ماڻهن تي رحم نٿو ڪري، ان تي الله رحم نٿو ڪري:

فرمايائون: جيڪو ماڻهن تي رحم نٿو ڪري، ان تي الله رحم نٿو ڪري. (الادب المفرد حديث نمبر: ٩٥)

هي حديث اڳ ۾ پڻ اچي چڪي آهي، پر شايد هتي حوالو ناهي. جتي ان جي تشريح ڪئي وئي آهي، اها ڪافي آهي.

## مومنن جو هڪ ٻئي لاءِ شفقت رکڻ:

فرمايائون: مومنن جو مثال هڪ ٻئي سان محبت، رحم، ۽ شفقت ۾ هڪ جسم جي وانگر آهي. (مسلم شريف حديث نمبر: ٦٥٨٦)

هي مومنن جي مثالي حالت جو بيان آهي، جيڪي هڪ ٻئي سان محبت، رحم، ۽ شفقت وارو سلوڪ ڪندا آهن، ۽ انهي لحاظ سان اهي هڪ جسم وانگر آهن. پر جڏهن ايمان جي حالت ڪمزور ٿي ويندي آهي، ته معاملو ان جي بلڪل برعڪس ٿيڻ لڳندو آهي، ۽ هڪ ٻئي سان نفرت، ڪدورت، دوري، ۽ دشمني پيدا ٿيڻ لڳي ٿي. موجوده مسلمانن جي حالت انهي جو منظر پيش ڪري رهي آهي، ۽ هر شعبي سان وابسته مسلمان هڪ ٻئي سان ڇڪتاڻ جي حالت ۾ مبتلا آهن. سياسي سطح تي، سماجي سطح تي، يا تجارتي سطح تي، هر جڳهه تي اهو ئي لقاءُ نظر اچي ٿو. ان جي نتيجي ۾ ٻين قومن تي مسلمانن جو رعب ختم ٿي ويو آهي. هن حالت کي بدلڻ جي ضرورت آهي، ۽ اهو صرف ايمان جي حالت کي بهتر ڪرڻ سان ٿيندو. جيڪو مومنن کي محبت جي راهه تي گامزن ڪرڻ جو ذريعو بڻجي سگهندو.

## ان شخص جو اسان سان تعلق ناهي:

فرمايائون: "انسان جو اسان (مسلمانن) سان ڪو تعلق ناهي، جيڪو اسان جي ننڍين تي رحم نٿو ڪري ۽ اسان جي وڏن جي شرف ۽ فضيلت ڪي تسليم نٿو ڪري." (ترمذي، ٣/٣٦٩ حديث: ١٩٢٧)

هي حديث اخلاقيات ۽ ادب ۽ آداب جي لحاظ سان اهم آهي. موجوده دور ۾ جڏهن ٻارن جي تربيت جو ماحول اهڙو آهي، جنهن ۾ وڏن جو احترام برقرار ناهي رهيو ۽ ادب و آداب جو نظام مڪمل طور تي ختم ٿي چڪو آهي، ته وڏن جي مزاج ۾ سختي پيدا ٿي چڪي آهي. ان جي نتيجي ۾ شفقت ڪرڻ ۽ محبت سان تربيت ڪرڻ جي صلاحيت وڏي حد تائين متاثر ٿي چڪي آهي، ۽ ماديت پسندي جي اهڙي لهر هلي پئي آهي، جنهن ڪري اسان جون ساريون روايتون ان جو شڪار ٿي رهيون آهن.

## پردو رکڻ واري لاءِ انعام:

فرمايائون: "جو شخص ڪنهن مسلمان جو پردو رکندو، الله تعاليٰ قيامت جي ڏينهن ان جو پردو رکندو." (صحيح مسلم / الذکر ٢٢٩٩/١١)

مسلمانن جي عيبن کي ظاهر نه ڪرڻ تي وڏي خوشخبري ڏني وئي آهي ته قيامت جي ڏينهن (جڏهن هر شخص پنهنجي گناهن جي ڪري ڏکي رهيو هوندو)، ان وقت سندس عيبن جي پرده پوشي ڪرڻ جي خوشخبري ڏني وئي آهي. اسان کي حوصلو ۽ همت سان ڪم وٺڻ گهرجي ۽ نفس تي جبر ڪندي ٻين مسلمانن، خاص طور تي پنهنجن عزيزن، دوستن جي ڪمزورين ۽ عيبن کي لڪائڻ گهرجي. جيتوڻيڪ نفس اهڙو ٿيڻ جي اجازت نه ڏيندو آهي، پر نفس تي جبر ڪندي ائين ڪرڻ گهرجي.

## جنهن ۾ امانت ناهي، ان ۾ ايمان نه آهي:

فرمايائون: "جيڪو شخص امانت نه رکندو آهي، ان جو ايمان نه آهي، ۽ جيڪو شخص وعدو پورو نه ڪندو آهي، ان جو ڪو دين نه آهي." (بيهقي ١٢٦٩٠)



هن حديث شريف ۾ امانت ۽ وعدن جي غيرمعمولي اهميت بيان ڪئي وئي آهي. بدقسمتي سان، موجوده دور ۾ اهي ئي ٻئي شيون آهن جيڪي تڪڙي طور تي ختم ٿي رهيون آهن. قومي خزاني جا جيڪي امين بڻايا ويا آهن، انهن ۾ اڪثر امانت ۾ خيانت ڪرڻ جي مرض ۾ مبتلا آهن. قوم کي مفلس بڻائڻ جي قيمت تي اهي امير کان امير ترين بڻجي رهيا آهن. اهو صرف امانت ۾ خيانت جي ڪري آهي. وعدو ڪري ان کي پورو نه ڪرڻ، اڄڪلهه عام ڳالهه بڻجي وئي آهي، حالانڪ اهي ايمان ۽ دين جا مسئلا آهن. ايمان ۽ دين جي اهميت وارن مسئلن کي سمجهي انهن کي ملحوظ رکڻ جي ضرورت آهي، ڇو ته ان سان اسان جي اسلاميت به وابسته آهي ۽ قوم ۽ ملت جي فلاح ۽ بهبود به. ورنه امانت ۾ خيانت ۾ وڌڻ سبب اسان جي اهل سياست ۽ مقتدر طبقن قوم کي عالمي ادارن وٽ گروي رکيو آهي. الله اسان جي حالت زار تي رحم فرمائي ۽ اسان جي اصلاح لاءِ طريقو فراهم فرمائي. (آمين)

## الله تي ايمان آڻڻ کانپوءِ ان تي ثابت قدم رهڻ جي اهميت:

حضرت سفيان بن عبدالله ثقفي رضي الله عنه بيان ڪن ٿا ته، مون عرض ڪيو، "الله جا رسول، توهان مون کي اسلام ۾ اهڙي ڳالهه ٻڌايو جو توهان کانپوءِ مان ڪنهن کان سوال نه ڪيان." پاڻ فرمايائون، "تون چئه، مان الله تي ايمان آندو، پوءِ ان تي ڄمي بيه." (مشڪوة ١٥) الله تي ايمان آڻڻ ۽ ان جي تقاضن کي زندگي ڀر پورو ڪرڻ ۽ ايمان تي ثابت قدم رهڻ، هي سڀ کان وڏي ڪرامت آهي، ان کان وڌيڪ ڪا ڪرامت ناهي. ايمان سان گڏ عملن جي تقاضا اچي ٿي ۽ نفس پرستي ۽ مادي پسندي جي تقاضن کان دستبردار ٿيڻ جو مطالبو ڪيو وڃي ٿو. انهن تقاضن کي پورو ڪرڻ ئي ايمان تي ثابت قدم رهڻ آهي. هن حديث شريف ۾ انهي جي تعليم ڏني وئي آهي.

## مون کي توهان جي فقر ۽ تنگدستي جي پريشاني ناهي:

فرمايائون: "قسم آهي الله جو مون کي توهان جي فقر ۽ تنگدستي جي پريشاني ناهي، پر مان ان ڳالهه کان ڊڄان ٿو تہ دنيا توهان لاءِ بہ ايئن وسيع ڪئي ويندي جيئن اڳين ماڻهن لاءِ ڪئي وئي هئي، ۽ توهان بہ ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ هڪٻئي کان اڳتي وڌڻ جي ايئن ڪوشش ڪندا جيئن انهن ڪيو هو ۽ اها توهان کي بہ انهي طرح غافل ڪري ڇڏيندي جيئن انهن کي غافل ڪيو هيائين." (مشڪوة حديث نمبر: ۵۱۶۳)

الله جي رسول ﷺ جو پنهنجي امت جي دنيا بابت فڪر، امت سان غير معمولي محبت جو اشارو آهي. سندن اهو چوڻ تہ مون کي امت جي فقر ۽ تنگدستي جو انديشو ناهي، پر دنيا جي ڪشادگي جو انديشو آهي، ان مان واضح ٿئي ٿو تہ دنيا جي وسيع ٿيڻ سان اعمال صالحہ، الله طرف رجوع ۽ آخرت بابت غفلت پيدا ٿي سگهي ٿي. فقر ۽ تنگدستي جي حالت ۾ فرد جي طبيعت ۾ مسڪيني جو رنگ غالب هوندو آهي، مسڪين فرد عام طور تي غرور کان محفوظ هوندو آهي ۽ ان ۾ الله کان سوال ڪرڻ جي نفسيات پيدا ٿيندي آهي. ان ڪري، فقر ۽ تنگدستي اهڙي شيءِ ناهي جيڪا وڏي پريشاني جي ڳالهه هجي؛ پريشاني جي ڳالهه دنيا جي وسعت آهي. اهو ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ جن وٽ دولت اچي ٿي، اهي عام طور تي دنيا جي آرام ۽ آسائش ۾ مشغول ٿي ڪري الله کان غافل ٿي ويندا آهن.

## آخري دور ۾ فتنن جي حملن بابت:

آخري دور ۾ فتنن جو سلسلو ٿيندو، هڪ فتنو ختم نہ ٿيندو تہ ٻيو پيدا ٿيندو، اهڙي طرح امت مسلسل نون نون فتنن جي گهيري ۾ رهندي. انهن فتنن جي نوعيت کي سمجهي انهن کان بچڻ جو فڪر رکڻ ايمان جي اولين تقاضا آهي. موجوده دور ۾ عالمي ڪفر ۽ ماديت جي عالمي طاقت ايتري وسيع ٿي چڪي آهي جو تقريباً هر فرد ان جي اثرات جي گهيري ۾ آهي، ۽ مسلمانن جي ذهني ۽ عملي حالت اهڙي ڪمزور ٿي رهي آهي جو اهي



هڪٻئي لاءِ امتحان، آزمائش ۽ فتنن جو سبب بڻجي رهيا آهن. هيٺ ڪجهہ اهڙيون حديثون پيش ڪيون پيون وڃن:

## قاتل بڻجڻ جي بدران مقتول بڻجڻ:

فرمايائون: اهڙا فتنا، اختلاف ۽ ويڇا پيدا ٿيندا جو جيڪڏهن توهان قاتل بڻجڻ بدران مقتول بڻجڻ جي طاقت رکو تہ مقتول بڻجي وڃو. (مستدرڪ حاڪم)

يعني، جيڪڏهن ٻيو ماڻهو توهان کي مارڻ تي آماده هوندو، تہ ان صورت ۾ ٻئي جي مقابلي ڪرڻ جي بجاءِ مقتول بڻجي الله جي حضور ۾ پيش ٿيڻ افضل عمل هوندو.

فرمايائون: فتنن کان بچو چو تہ ان ۾ زبان جو اثر تلوار جي ڪٽڻ کان وڌيڪ اثرائتو هوندو آهي. (ابن ماجه حديث نمبر: 3967)

موجوده دور ۾ خاص طور تي سوشل ميڊيا جي ذريعي زبان جي ذريعي جيڪي فتنا عام ٿي رهيا آهن، اهي اسان جي مشاهدن ۾ آهن. جيڪو شخص جيترو وڌيڪ اختلاف ۽ امت ۾ انتشار پيدا ڪرڻ جي ڳالهه ڪري ٿو ان کي اوترو وڌيڪ ڀڙو وڃي ٿو. اهڙي طرح زبان جي ذريعي ڪروڙين ماڻهن ۾ فڪري انتشار پيدا ٿي رهيو آهي.

فرمايائون: قيامت جي ويجهو قتل ۽ قتال جو دور ايندو، جنهن ۾ ڪفار سان قتال نہ ٿيندو، پر امت پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي قتل ڪندي، ايتري تائين جو هڪ ماڻهو پنهنجي ڀاءُ سان ملندو ۽ ان کي قتل ڪري ڇڏيندو. ان دور جي ماڻهن جا عقل کسيا ويندا ۽ پوءِ اهڙا گهٽ عقل ماڻهو هوندا، جيڪي پنهنجو پاڻ کي سمجهندا تہ اهي گهڻو ڪجهہ آهن، حالانڪ اهي ڪجهہ بہ نہ هوندا. (مسند احمد)

اسان جي هتي لسانيت جي بنياد تي پوربان مشرقي پاڪستان ۽ سنڌ ۾ لسانيت جي علمبردار طرفان هڪ دور ۾ قتل غارت جو بازار گرم ٿي چڪو

آهي، جنهن ۾ ڪيترائي مسلمان ماريا ويا. اهڙي قسم جي لڙڪيون هلنديون رهنديون آهن ۽ ان جي وڏيڪ پيدا ٿيڻ جا واضح آثار موجود آهن.

## حرام ۽ حلال جو فرق نہ ڪرڻ:

فرمايائون: ماڻهن تي هڪ اهڙو زمانو ايندو جو انهن کي اهو فڪر نہ هوندو تہ انهن وٽ مال حلال طريقي سان آيو آهي يا حرام طريقي سان. (سنن النسائي: ۴۴۵۶)

هن دور ۾ مال جي محبت سبب مؤثر طبقن طرفان لوٽ مار جو هڪ سلسلو جاري آهي. قومي خزاني جي لوٽ مار جي سبب قوم کي مالي عالمي ادارن وٽ گروي رکيو ويو آهي، ۽ رياستي طور تي اهڙيون پاليسيون اختيار ڪيون ويون آهن جو جيڪو شخص جهڙي بہ طريقي سان مال ڪمائي، ان کي ان جي اجازت آهي، پر شرط اهو آهي تہ ان مال ۾ اهل اقتدار ۽ سرڪاري عملدارن جو حصو شامل هجي.